## سورة النبا –مكي

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

### رڪوع 1

**قيامت ۽ آخرت جو ثبوت ۽ ان تي ايمان ۽ عدم ايمان جا نتيجا.**

| | |
|---|---|
| عَمَّ يَتَسَآءَلُوْنَ ① | (١) (هي ماڻهو) ڪهڙي ڳالهه بابت هڪٻئي کان پڇن ٿا؟ |
| عَنِ النَّبَاِ الْعَظِيْمِ ② | (٢) اهڙي وڏي واقعي (قيامت) بابت. |
| الَّذِيْ هُمْ فِيْهِ مُخْتَلِفُوْنَ ③ | (٣) جنهن ۾ اهي (پاڻ ۾) اختلاف ڪندڙ آهن. (ان لاءِ ڪو ڪيئن ٿو چوي، ڪو ڪيئن ٿو چوي). |
| كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ④ | (٤) پڪ سان (انهن جو اهو اختلاف گهڻو وقت نه هلندو) اجهو اهي ان (جي حقيقت) کي ڄاڻي وٺندا. |
| ثُمَّ كَلَّا سَيَعْلَمُوْنَ ⑤ | (٥) پوءِ اهي خبردار ٿين (جيئن اهي سمجهن ٿا ائين ڪونهي) اجهو اهي ڄاڻي وٺندا. |
| اَلَمْ نَجْعَلِ الْاَرْضَ مِهٰدًا ⑥ | (٦) (اي ماڻهو! اسان لاءِ اهو ڪيئن ناممڪن آهي) ڇا اسان زمين کي (ان جي گولائي ۽ ان جي تيز چرپر جي باوجود) وڇائو نه ڪيو آهي. |
| وَّالْجِبَالَ اَوْتَادًا ⑦ | (٧) ۽ جبلن کي زمين جون ميخون؟ (جو زمين جي تيز چرپر جي باوجود ڄميا بيٺا آهن). |
| وَّخَلَقْنٰكُمْ اَزْوَاجًا ⑧ | (٨) ۽ اسان اوهان کي جوڙا (نر ۽ مادي) ڪري پيدا ڪيو آهي. (جنهن سان اوهان جو نسل وڌي ٿو.) |
| وَّجَعَلْنَا نَوْمَكُمْ سُبَاتًا ⑨ | (٩) ۽ (رات ڏينهن جي ٿڪيري سان) اوهان جي ننڊ کي راحت ڪيو آهي. |
| وَّجَعَلْنَا الَّيْلَ لِبَاسًا ⑩ | (١٠) ۽ رات کي (اوهان جي آرام لاءِ) ڍڪ ڪيو آهي. |
| وَّجَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ⑪ | (١١) ۽ ڏينهن کي گذران جو وقت ڪيو آهي. |
| وَّبَنَيْنَا فَوْقَكُمْ سَبْعًا شِدَادًا ⑫ | (١٢) ۽ اوهان جي مٿان ست مضبوط آسمان بنايا آهن. |
| وَّجَعَلْنَا سِرَاجًا وَّهَّاجًا ⑬ | (١٣) ۽ هڪڙو روشن ڏيئون سج پيدا ڪيو آهي. (جيڪو اوهان لاءِ روشني جو سرچشمو آهي.) |
| وَّاَنْزَلْنَا مِنَ الْمُعْصِرٰتِ مَآءً ثَجَّاجًا ⑭ | (١٤) ۽ اسان ڪڪرن مان گهڻو وهندڙ پاڻي لاٿو آهي. |
| لِّنُخْرِجَ بِهٖ حَبًّا وَّنَبَاتًا ⑮ | (١٥) ته ان سان داڻا ۽ گاهه (نباتات). |
| وَّجَنّٰتٍ اَلْفَافًا ⑯ | (١٦) ۽ گهاٽا باغ پيدا ڪريون. |

إِنَّ يَوْمَ الْفَصْلِ كَانَ مِيقَاتًا ﴿١٧﴾

(١٧) بيشڪ (پوءِ جيئن اسان جي هنن تخليقن ۾ نظم ۽ ضبط آهي، تيئن ماڻهن جي زندگيءَ لاءِ به هڪ نظم ۽ ضبط ۽ ان جي پابندي لاءِ) فيصلي جو ڏينهن مقرر وقت آهي.

يَوْمَ يُنفَخُ فِي الصُّورِ فَتَأْتُونَ أَفْوَاجًا ﴿١٨﴾

(١٨) (اهو ڏينهن) جنهن ڏينهن صور ۾ ڦوڪيو ويندو، پوءِ اوهين ٽوليون ٽوليون ٿي (قبرن مان نڪري) ايندؤ.

وَفُتِحَتِ السَّمَاءُ فَكَانَتْ أَبْوَابًا ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ آسمان کولبو جو (هنڌا هنڌان) دروازا ٿي پوندو.

وَسُيِّرَتِ الْجِبَالُ فَكَانَتْ سَرَابًا ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ جبل (پنهنجي جاءِ تان) سوربا، پوءِ اهي واريءَ جهڙا ٿي پوندا.

إِنَّ جَهَنَّمَ كَانَتْ مِرْصَادًا ﴿٢١﴾

(٢١) بيشڪ جهنم هڪڙو (خطرناڪ) گهاٽ آهي. (جيڪو مجرمن جي تاڙ ۾ آهي.)

لِّلطَّاغِينَ مَآبًا ﴿٢٢﴾

(٢٢) سرڪشن (حد کان لنگهندڙن) جي رهڻ جي جاءِ بڻبو.

لَّابِثِينَ فِيهَا أَحْقَابًا ﴿٢٣﴾

(٢٣) جيڪي ان ۾ ڊگهيون مدتون رهندا.

لَّا يَذُوقُونَ فِيهَا بَرْدًا وَلَا شَرَابًا ﴿٢٤﴾

(٢٤) نه ان ۾ ڪا راحت (۽ آرام ملندن) ۽ نه ڪا پيئڻ جي ڪا شيءِ چکندا.

إِلَّا حَمِيمًا وَغَسَّاقًا ﴿٢٥﴾

(٢٥) سواءِ ٽهڪندڙ گرم پاڻيءَ ۽ (سندن جسمن مان وهندڙ) پونءِ جي.

جَزَاءً وِفَاقًا ﴿٢٦﴾

(٢٦) اهو (سندن ئي ڪيتي جو) پورو پورو بدلو ڏنو ويندو.

إِنَّهُمْ كَانُوا لَا يَرْجُونَ حِسَابًا ﴿٢٧﴾

(٢٧) بيشڪ اهي (هن دنيا ۾ پنهنجن ڪيل عملن جي) حساب ڏيڻ جي اميد نه رکندا هئا.

وَكَذَّبُوا بِآيَاتِنَا كِذَّابًا ﴿٢٨﴾

(٢٨) ۽ (انهن کي بار بار ٻڌائڻ وارن ٻڌايو پر) انهن اسان جي آيتن کي ڪوڙ ڪري (پاڻ کي غافل ڪري) ڇڏيو هو.

وَكُلَّ شَيْءٍ أَحْصَيْنَاهُ كِتَابًا ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ اسان (غفلت ڪونه ڪئي ۽) سڀ ڪنهن شيءِ کي (انهن جي عملن ۾) لکي ڳڻي ڇڏيو آهي.

فَذُوقُوا فَلَن نَّزِيدَكُمْ إِلَّا عَذَابًا ﴿٣٠﴾

(٣٠) سو (عذاب جي وقت چئبو ته) چکو جو اسين اوهان تي (عملن جي نتيجي ۾ ملندڙ) عذاب کان سواءِ ڪجھ به نه وڌائيندا سون.

رڪوع 2

قيامت ڏينهن سڀ ڪو ماڻهو اهو ڏسندو جنهن کي سندس هٿن اڳي موڪليو آهي.

إِنَّ لِلْمُتَّقِينَ مَفَازًا ﴿٣١﴾

(٣١) بيشڪ (خدا جو لحاظ رکندڙ) پرهيزگارن لاءِ ئي ڪاميابي آهي.

حَدَائِقَ وَأَعْنَابًا ﴿٣٢﴾

(٣٢) (سير ڪرڻ ۽ ڪائڻ لاءِ) باغ (جنهن ۾ هر قسم جا ميوا) ۽ ڊاکون آهن.

وَكَوَاعِبَ أَتْرَابًا ﴿٣٣﴾

(٣٣) ۽ (وندر لاءِ) هڪ جيڏيون ڪنواريون آهن.

وَّ كَاْسًا دِهَاقًا ﴿٣٤﴾

(٣٤) ۽ (مشروبن جا) ڀريل پيالا آهن.

لَا يَسْمَعُوْنَ فِيْهَا لَغْوًا وَّلَا كِذّٰبًا ﴿٣٥﴾

(٣٥) ان (بهشت) ۾ نہ ڪا اجائي بڪ ٻڌندا ۽ نہ (ڪنهن شيءِ جي طلب تي) انڪار.

جَزَآءً مِّنْ رَّبِّكَ عَطَآءً حِسَابًا ﴿٣٦﴾

(٣٦) (اي پيغمبر!) اهو بدلو تنهنجي پالڻهار جي پاران هوندو، جيڪو (انهن) سڀني کي ڪافي نعمتن سان ڏيندو.

رَّبِّ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ وَمَا بَيْنَهُمَا الرَّحْمٰنِ لَا يَمْلِكُوْنَ مِنْهُ خِطَابًا ﴿٣٧﴾

(٣٧) اهو آسمانن، زمين ۽ جو ڪجهہ انهن ٻنهي جي وچ ۾ آهي تنهن جو پالڻهار آهي، جو وڏو مهربان آهي (ان وقت سڀ سندس حضور ۾ بيهندا ۽ ادب وچان) اهي ان سان ڳالهائي نہ سگهندا.

يَوْمَ يَقُوْمُ الرُّوْحُ وَالْمَلٰٓئِكَةُ صَفًّا ۙ لَّا يَتَكَلَّمُوْنَ اِلَّا مَنْ اَذِنَ لَهُ الرَّحْمٰنُ وَقَالَ صَوَابًا ﴿٣٨﴾

(٣٨) جنهن ڏينهن روح ۽ ملائڪ صفون ٻڌي بيهندا تنهن ڏينهن اهي بہ نہ ڳالهائيندا، سواءِ ان شخص جي جنهن کي وڏو مهربان اجازت ڏئي ۽ اهو چوي بہ (الله جي مقرر ڪيل قاعدي تي) پوري ڳالهہ.

ذٰلِكَ الْيَوْمُ الْحَقُّ ۚ فَمَنْ شَآءَ اتَّخَذَ اِلٰى رَبِّهٖ مَاٰبًا ﴿٣٩﴾

(٣٩) اهو ڏينهن ضرور ٿيڻ وارو آهي، پوءِ جنهن کي وڻي سو (هن دنيا ۾ نيڪ عمل ڪري) پنهنجي پالڻهار وٽ رهڻ جي جاءِ بنائي.

اِنَّآ اَنْذَرْنٰكُمْ عَذَابًا قَرِيْبًا ۚ يَّوْمَ يَنْظُرُ الْمَرْءُ مَا قَدَّمَتْ يَدٰهُ وَيَقُوْلُ الْكٰفِرُ يٰلَيْتَنِيْ كُنْتُ تُرٰبًا ﴿٤٠﴾

(٤٠) بيشڪ اسان تہ اوهان کي ويجهي عذاب کان ڊيڄاريو آهي، جنهن ڏينهن سڀڪو ماڻهو اهو ڏسندو جنهن کي سندس هٿن اڳي موڪليو آهي ۽ (ان وقت ان ڏينهن جي واقع ٿيڻ جو) انڪار ڪندڙ چوندو تہ، جيڪر آئون مٽي هجان ها (۽ جزا ۽ سزا جي معاملي ۾ نہ پوان ها.)

## سورة النازعات – مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

### رڪوع 1

### قيامت ۽ ان جي دلائل جو وري ذڪر

وَالنّٰزِعٰتِ غَرْقًا ﴿١﴾

(١) انهن (ملائڪن) جو قسم آهي جيڪي (بد عمل ماڻهن جا روح) سختيءَ سان ڇڪيو ڪڍن ٿا.

وَّالنّٰشِطٰتِ نَشْطًا ﴿٢﴾

(٢) ۽ انهن جو جيڪي نيڪوڪارن جا روح) آسانيءَ سان ڪڍن ٿا.

وَّالسّٰبِحٰتِ سَبْحًا ﴿٣﴾

(٣) ۽ انهن جو جيڪي (هوا) چيريندا اچن ٿا.

فَالسّٰبِقٰتِ سَبْقًا ﴿٤﴾

(٤) پوءِ اڳتي وڌندا رهن ٿا (۽ ڪا رڪاوٽ نٿي پوي).

فَالْمُدَبِّرٰتِ اَمْرًا ﴿٥﴾

(٥) پوءِ هر ڪم جي تدبير ڪن ٿا، (هنن سڀني شين کي شاهد بنائي اسان چئون ٿا) تہ قيامت ضرور ٿيندي.

يَوْمَ تَرْجُفُ الرَّاجِفَةُ ۙ ٦

(٦) جنهن ڏينهن ڌڌڻ واري (ڌرتي) ڌڏندي.

تَتْبَعُهَا الرَّادِفَةُ ۗ ٧

(٧) هن حالت ۾ جو پٺيان اچڻ واري (صور جي گجگوڙ) ان جي پٺيان ايندي.

قُلُوْبٌ يَّوْمَىِٕذٍ وَّاجِفَةٌ ۙ ٨

(٨) ڪيترين ئي دليون تنهن ڏينهن (ان صور جي ڌڪاءَ سان) ڌڪڻ واريون هونديون.

اَبْصَارُهَا خَاشِعَةٌ ۘ ٩

(٩) (ان وقت بدڪار ماڻهن جون خواريءَ کان) سندن اکيون هيٺ ٿينديون.

يَقُوْلُوْنَ ءَاِنَّا لَمَرْدُوْدُوْنَ فِي الْحَافِرَةِ ۗ ١٠

(١٠) (هن وقت سندن غرور جي حالت آهي جو هو مڪافات وارن قانونن سان مذاق ڪندي) چون ٿا تہ، ڇا اسين (مرڻ ڪان پوءِ وري) پهرين حالت (حيات) ڏي موٽايا ويندا سون.

ءَاِذَا كُنَّا عِظَامًا نَّخِرَةً ۗ ١١

(١١) ڇا (ان وقت موٽايا ويندا سون) جڏهن اسين ڳريل هڏيون ٿينداسون. (اها ڳالهہ عقل ڪان پري آهي.).

قَالُوْا تِلْكَ اِذًا كَرَّةٌ خَاسِرَةٌ ۘ ١٢

(١٢) چون ٿا تہ (جيڪڏهن) اهو (مرڻ ڪان پوءِ جيئرو ٿيڻو آهي) پوءِ نقصان وارو موٽڻ آهي.

فَاِنَّمَا هِيَ زَجْرَةٌ وَّاحِدَةٌ ۙ ١٣

(١٣) (نہ مشڪل سمجهون ان ڪي) ڇو تہ اهو (واقعو) رڳو هڪڙي سخت هڪل آهي.

فَاِذَا هُمْ بِالسَّاهِرَةِ ۗ ١٤

(١٤) پوءِ اهي ڏسندي ئي (قيامت ڏينهن) ميدان تي اچي ويندا.

هَلْ اَتٰىكَ حَدِيْثُ مُوْسٰى ۘ ١٥

(١٥) (اي پيغمبر!) ڇا توکي موسىٰ جي ڳالهہ پهتي آهي؟

اِذْ نَادٰىهُ رَبُّهٗ بِالْوَادِ الْمُقَدَّسِ طُوًى ۚ ١٦

(١٦) جڏهن ان کي سندس پالیندڙ طوىٰ جي مقدس نئي ۾ سڏيو.

اِذْهَبْ اِلٰى فِرْعَوْنَ اِنَّهٗ طَغٰى ۖ ١٧

(١٧) تہ تون فرعون ڏي وڃ، ڇو تہ هو (ڪمزورن ڪي دبائي) حد ڪان لنگهي ويو آهي.

فَقُلْ هَلْ لَّكَ اِلٰٓى اَنْ تَزَكّٰى ۙ ١٨

(١٨) پوءِ ان کي چؤ تہ، (تون دولت ۽ طاقت ڪي سڀ ڪجهہ بڻايو آهي) ڇا توکي (انهن گندين خصلتن ڪان) پاڪ ٿيڻ جي بہ ڪا گهرج آهي؟

وَاَهْدِيَكَ اِلٰى رَبِّكَ فَتَخْشٰى ۚ ١٩

(١٩) ۽ هيءَ بہ (گهرج آهي) تہ آئون توکي تنهنجي پالڻهار جو (عام پالڻهاريءَ وارو) رستو ڏيکاريان تہ (تنهنجي لاءِ حجت بڻجي ۽) ان ڪان ڊڄين.

فَاَرٰىهُ الْاٰيَةَ الْكُبْرٰى ۖ ٢٠

(٢٠) پوءِ ان کي (خدائي قانونن جي علامت لٺ ۽ روشن هٿ جي معجزي واري) وڏي نشاني ڏيکاريائين.

فَكَذَّبَ وَعَصٰى ۖ ٢١

(٢١) پوءِ (بہ هو سرڪشي تان نہ لٿو جو) هن (موسىٰ کي) ڪوڙو ڪيو ۽ نافرماني ڪيائينس.

| | |
|---|---|
| ثُمَّ اَدْبَرَ يَسْعٰى ۝٢٢ | (٢٢) وري پٺ ڏئي (موسىٰ جي خلاف) ڪوششون ڪرڻ لڳو. |
| فَحَشَرَ فَنَادٰى ۝٢٣ | (٢٣) پوءِ هن (فرعون پنهنجي قوم کي) گڏ ڪيو پوءِ وڏي واڪي تقرير ڪيائين. |
| فَقَالَ اَنَا رَبُّكُمُ الْاَعْلٰى ۝٢٤ | (٢٤) پوءِ (انهن کي) چيائين ته، آئون اوهان جو تمام مٿاهون پالڻهار آهيان. |
| فَاَخَذَهُ اللّٰهُ نَكَالَ الْاٰخِرَةِ وَالْاُوْلٰى ۝٢٥ | (٢٥) پوءِ الله ان کي آخرت ۽ دنيا جي عذاب ۾ پڪڙيو. |
| اِنَّ فِيْ ذٰلِكَ لَعِبْرَةً لِّمَنْ يَّخْشٰى ۝٢٦ | (٢٦) بيشڪ ان (واقعي) ۾ ان لاءِ نصيحت آهي جيڪو (الله تعالىٰ کان) ڊڄي ٿو. |

رکوع 2

انسان جي تخلق ۽ ڪائنات جو نظام، الله جي قدرت جون وڏيون نشانيون آهن.

| | |
|---|---|
| ءَاَنْتُمْ اَشَدُّ خَلْقًا اَمِ السَّمَآءُ ۚ بَنٰىهَا ۝٢٧ | (٢٧) ڇا پيدائش جي لحاظ کان اوهان جو بنائڻ زياده مشڪل آهي يا آسمان جو؟ |
| رَفَعَ سَمْكَهَا فَسَوّٰىهَا ۝٢٨ | (٢٨) (جنهن کي) اهڙيءَ طرح (بنايو اٿس) جو ان جي ڊگهائي (ڇت) کي مٿي ڪري پوءِ ان کي برابر ڪيو اٿس. |
| وَاَغْطَشَ لَيْلَهَا وَاَخْرَجَ ضُحٰىهَا ۝٢٩ | (٢٩) ۽ ان جي رات کي اونداهيءَ وارو ڪيو اٿس ۽ (ڏينهن کي) ان جي روشنيءَ سان ڪڍيو اٿس. |
| وَالْاَرْضَ بَعْدَ ذٰلِكَ دَحٰىهَا ۝٣٠ | (٣٠) ۽ ان کان پوءِ زمين کي (اوهان جي سهولت لاءِ) وڇائي ڇڏيو اٿس. |
| اَخْرَجَ مِنْهَا مَآءَهَا وَمَرْعٰىهَا ۝٣١ | (٣١) (هن طرح جو) اُن مان اُن جو پاڻي ۽ ان جا نباتات ڪڍيا اٿس. |
| وَالْجِبَالَ اَرْسٰىهَا ۝٣٢ | (٣٢) ۽ جبلن کي (مضبوط) کوڙيو اٿس. |
| مَتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ۝٣٣ | (٣٣) (انهيءَ سڄي سلسلي کي ترتيب سان رکيو اٿس) اوهان کي ۽ اوهان جي وهڻن کي فائدي پهچائڻ لاءِ. |
| فَاِذَا جَآءَتِ الطَّآمَّةُ الْكُبْرٰى ۝٣٤ | (٣٤) پوءِ جڏهن تمام وڏي آفت (قيامت) ايندي. |
| يَوْمَ يَتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ مَا سَعٰى ۝٣٥ | (٣٥) جنهن ڏينهن سڀڪو انسان انهن ڪمن کي ياد ڪندو جيڪي ڪيا هوندائين. |
| وَبُرِّزَتِ الْجَحِيْمُ لِمَنْ يَّرٰى ۝٣٦ | (٣٦) ۽ ڏسڻ واري لاءِ (سندس اکين اڳيان) دوزخ ظاهر ڪيو ويندو. |
| فَاَمَّا مَنْ طَغٰى ۝٣٧ | (٣٧) ته پوءِ جيڪو (زندگيءَ جي عملن ۾) حدن کان لنگهيو هوندو. |
| وَاٰثَرَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا ۝٣٨ | (٣٨) ۽ دنيا جي حياتيءَ کي (آخرت جي حياتيءَ تي) پسند ڪيو هوندائين. |
| فَاِنَّ الْجَحِيْمَ هِيَ الْمَاْوٰى ۝٣٩ | (٣٩) ته بيشڪ دوزخ ئي (ان جي) رهڻ جي جاءِ آهي. |

وَ اَمَّا مَنْ خَافَ مَقَامَ رَبِّهٖ وَنَهَى النَّفْسَ عَنِ الْهَوٰى ﴿٤٠﴾

(٤٠) ۽ جيڪو شخص پنهنجي پالڻهار جي سامهون (حساب ڪتاب جي سختي واري حالت ۾) بيهڻ کان ڊنو هوندو ۽ پنهنجي (ان خوف جي ڪري) نفس کي خواهشن کان روڪيو هوندائين.

فَاِنَّ الْجَنَّةَ هِيَ الْمَاْوٰى ﴿٤١﴾

(٤١) تہ بيشڪ جنت ئي ان جي رهڻ جي جاءِ آهي.

يَسْـَٔلُوْنَكَ عَنِ السَّاعَةِ اَيَّانَ مُرْسٰىهَا ﴿٤٢﴾

(٤٢) (اي پيغمبر! اهي ماڻهو اعتراض طور) توکان قيامت جو پڇن ٿا تہ اها ڪڏهن ٿيڻ واري آهي.

فِيْمَ اَنْتَ مِنْ ذِكْرٰىهَا ﴿٤٣﴾

(٤٣) (اي پيغمبر!) تنهنجو ان جي (وقت) بيان ڪرڻ سان ڪهڙو واسطو.

اِلٰى رَبِّكَ مُنْتَهٰىهَا ﴿٤٤﴾

(٤٤) تنهنجي پالڻهار ڪي ئي ان جي پڇاڙيءَ (واقع ٿيڻ) جي خبر آهي.

اِنَّمَآ اَنْتَ مُنْذِرُ مَنْ يَّخْشٰىهَا ﴿٤٥﴾

(٤٥) تون رڳو ان شخص کي (خدا جي حڪمن جي نافرمانيءَ کان) ڊيڄاريندڙ آهين جو ان کان ڊڄي ٿو.

كَاَنَّهُمْ يَوْمَ يَرَوْنَهَا لَمْ يَلْبَثُوْٓا اِلَّا عَشِيَّةً اَوْ ضُحٰىهَا ﴿٤٦﴾

(٤٦) جنهن ڏينهن ان (قيامت) کي ڏسندا (تنهن ڏينهن قيامت کي ايترو تڪڙو آيل پائيندا) تہ ڄڻ (دنيا ۾) هڪڙي شام يا ان جي صبح کان وڌيڪ نہ رهيا هئا.

## سورة عبس — مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**هڪ نابيني مومن کي ٿورو نظر انداز ڪرڻ تي رسول ﷺ کي تنبيهہ.**

عَبَسَ وَ تَوَلّٰٓى ﴿١﴾

(١) (محمد ﷺ) ٻي رخي ڏيکاري ۽ منهن موڙيائين.

اَنْ جَآءَهُ الْاَعْمٰى ﴿٢﴾

(٢) ان ڪري جو وٽس هڪ نابينو (صحابي) آيو.

وَمَا يُدْرِيْكَ لَعَلَّهٗ يَزَّكّٰٓى ﴿٣﴾

(٣) ۽ توکي (اي محمد ﷺ) ڪهڙي خبر تہ شايد هو (تنهنجي تعليم سان چڱيءَ طرح نيڪوڪار ٿي وڃي.

اَوْ يَذَّكَّرُ فَتَنْفَعَهُ الذِّكْرٰى ﴿٤﴾

(٤) يا (تنهنجي نصيحت تي آهستي آهستي) ڌيان ڪري تہ ان کي اها نصيحت فائدو ڏئي.

اَمَّا مَنِ اسْتَغْنٰى ﴿٥﴾

(٥) پر (ان جي برعڪس) جيڪو (هدايت جي پاسي کان) بي پرواهي ڪري ٿو.

فَاَنْتَ لَهٗ تَصَدّٰى ﴿٦﴾

(٦) تہ تون ان (جي هدايت) جو خيال ڪرين ٿو.

وَمَا عَلَيْكَ اَلَّا يَزَّكّٰى ﴿٧﴾

(٧) هوڏانهن ان جي نيڪوڪار نہ ٿيڻ جي توتي ڪا ميار نہ آهي.

| | |
|---|---|
| وَ اَمَّا مَنْ جَآءَكَ يَسْعٰى ۙ﴿۸﴾ | (۸) ۽ (ميار انهيءَ ڳالهه تي آهي ته هڪ شخص) تو وٽ (دين جي شوق ۾) ڊوڙندو اچي ٿو. |
| وَهُوَ يَخْشٰى ۙ﴿۹﴾ | (۹) ۽ هو خدا کان ڊڄي ٿو. |
| فَاَنْتَ عَنْهُ تَلَهّٰى ۚ﴿۱۰﴾ | (۱۰) پوءِ تون ان کان بي خيالو ٿئين ٿو. (سو تو کي ائين نه ڪرڻ گهرجي). |
| كَلَّآ اِنَّهَا تَذْكِرَةٌ ۚ﴿۱۱﴾ | (۱۱) خبردار! بيشڪ اهو (قرآن) هڪ نصيحت آهي. |
| فَمَنْ شَآءَ ذَكَرَهٗ ﴿۱۲﴾ | (۱۲) پوءِ جيڪو گهري سو انکي ياد (۽ ڌيان ۾) رکي (۽ جنهن کي اها نصيحت حاصل ڪرڻ جي نيت ناهي ته ڀلي ته ڏکو رستو وٺي.) |
| فِىْ صُحُفٍ مُّكَرَّمَةٍ ۙ﴿۱۳﴾ | (۱۳) اهو (لکل ناهي بلڪ) اهڙن ورقن ۾ آهي جي عزت ڏنل آهن. |
| مَّرْفُوْعَةٍ مُّطَهَّرَةٍ ۙ﴿۱۴﴾ | (۱٤) بلند شان وارا (غلطين کان) پاڪ آهن. |
| بِاَيْدِىْ سَفَرَةٍ ۙ﴿۱۵﴾ | (۱۵) اهڙن لکڻ وارن جي هٿ ۾ آهن. |
| كِرَامٍ بَرَرَةٍ ؕ﴿۱۶﴾ | (۱٦) جيڪي خوبين وارا (الله جا) تابعدار آهن. |
| قُتِلَ الْاِنْسَانُ مَآ اَكْفَرَهٗ ؕ﴿۱۷﴾ | (۱۷) (جيڪو اهڙي بلند ۽ پاڪ فڪر اختيار ڪرڻ کان انڪار ڪري، اهڙي) انسان تي مار پوي جو هو ڪهڙو نه بي شڪر آهي. |
| مِنْ اَىِّ شَىْءٍ خَلَقَهٗ ؕ﴿۱۸﴾ | (۱۸) (اهو بي شڪر انسان هي به نٿو سوچي ته) ڪهڙي شيءَ مان ان کي پيدا ڪيو اٿس؟ |
| مِنْ نُّطْفَةٍ ؕ خَلَقَهٗ فَقَدَّرَهٗ ۙ﴿۱۹﴾ | (۱۹) پاڻي جي نطفي مان ان کي پيدا ڪيو اٿس. پوءِ ان جو (هڪ نرالو جسماني) اندازو مقرر ڪيو اٿس. |
| ثُمَّ السَّبِيْلَ يَسَّرَهٗ ۙ﴿۲۰﴾ | (۲۰) وري (ان کي اکيون، ڪن ۽ عقل وغيره ڏئي ڪاميابي واري) شاهراه تي هلڻ ان لاءِ آسان ڪيو اٿس. |
| ثُمَّ اَمَاتَهٗ فَاَقْبَرَهٗ ۙ﴿۲۱﴾ | (۲۱) وري ان کي ماريو اٿس، پوءِ قبر ۾ پورجڻ وارو ڪيو اٿس. |
| ثُمَّ اِذَا شَآءَ اَنْشَرَهٗ ؕ﴿۲۲﴾ | (۲۲) وري جڏهن گهرندو ان کي (قيامت ڏينهن) ٻيهر جيئاريندو. |
| كَلَّا لَمَّا يَقْضِ مَآ اَمَرَهٗ ؕ﴿۲۳﴾ | (۲۳) خبردار! اجان تائين ان (انسان) اهو ڪم پورو نه ڪيو آهي، جنهن جو ان کي حڪم ڪيو اٿس. (پوءِ ان کان وڌيڪ ناشڪري ڇا ٿيندي؟) |
| فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ اِلٰى طَعَامِهٖٓ ۙ﴿۲٤﴾ | (۲٤) پوءِ سيڪو انسان (رڳو) پنهنجي کاڌي ڏي ڏسي. (ته ڪيتريون شيون اسان ڪيس بنا معاوضي عطا ڪيون آهن.) |
| اَنَّا صَبَبْنَا الْمَآءَ صَبًّا ۙ﴿۲۵﴾ | (۲۵) اسان ئي پاڻيءَ کي (ڪڪرن مان ڌرتيءَ تي ۽ درياهن ۽ چشمن ۾) وهايو آهي. |

| | |
|---|---|
| ثُمَّ شَقَقْنَا الْاَرْضَ شَقًّا ﴿٢٦﴾ | (٢٦) وري اسان زمين کي (ٻج اپارڻ لاءِ) چيريو آهي. |
| فَاَنْۢبَتْنَا فِيْهَا حَبًّا ﴿٢٧﴾ | (٢٧) پوءِ ان ۾ اَنُ، |
| وَّعِنَبًا وَّقَضْبًا ﴿٢٨﴾ | (٢٨) ۽ ڊاک ۽ لوسڻ، |
| وَّزَيْتُوْنًا وَّنَخْلًا ﴿٢٩﴾ | (٢٩) ۽ زيتون ۽ کارکون، |
| وَّحَدَآئِقَ غُلْبًا ﴿٣٠﴾ | (٣٠) گهاٽا باغ ميوا، |
| وَّفَاكِهَةً وَّاَبًّا ﴿٣١﴾ | (٣١) ۽ انب ڄمايا آهن (مطلب ته طرحين طرحين ميوا ۽ گاهه حاصل ڪريو ٿا). |
| مَّتَاعًا لَّكُمْ وَلِاَنْعَامِكُمْ ﴿٣٢﴾ | (٣٢) اوهان جي پنهنجي ۽ اوهان جي وهٽن جي فائدي لاءِ. (پوءِ به جيڪڏهن ماڻهو ناشڪريءَ جي واٽ وٺي ته ان لاءِ هلاڪت آهي.) |
| فَاِذَا جَآءَتِ الصَّآخَّةُ ﴿٣٣﴾ | (٣٣) پوءِ جڏهن (حساب واري ڏينهن) ڪنن کي ٻوڙي ڪرڻ واري هيبتناڪ دانهن ٿيندي. |
| يَوْمَ يَفِرُّ الْمَرْءُ مِنْ اَخِيْهِ ﴿٣٤﴾ | (٣٤) جنهن ڏينهن سيڪو ماڻهو پنهنجي ڀاءُ |
| وَاُمِّهٖ وَاَبِيْهِ ﴿٣٥﴾ | (٣٥) ۽ پنهنجي ماءُ پنهنجي پيءُ |
| وَصَاحِبَتِهٖ وَبَنِيْهِ ﴿٣٦﴾ | (٣٦) ۽ پنهنجي زال ۽ پنهنجي اولاد کان ڀڄندو. |
| لِكُلِّ امْرِئٍ مِّنْهُمْ يَوْمَئِذٍ شَاْنٌ يُّغْنِيْهِ ﴿٣٧﴾ | (٣٧) انهن مان سڀ ڪنهن ماڻهوءَ جو انهيءَ ڏينهن اهڙو حال هوندو جو پاڻ ۾ پورو هوندو (۽ ٻئي ڏانهن متوجه نه ٿي سگهندو). |
| وُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ مُّسْفِرَةٌ ﴿٣٨﴾ | (٣٨) ڪيترا منهن ان ڏينهن (ايمان جي ڪري) روشن |
| ضَاحِكَةٌ مُّسْتَبْشِرَةٌ ﴿٣٩﴾ | (٣٩) کلندڙ خوش هوندا. |
| وَوُجُوْهٌ يَّوْمَئِذٍ عَلَيْهَا غَبَرَةٌ ﴿٤٠﴾ | (٤٠) ۽ ڪي منهن (اهڙا هوندا) جن تي (نافرمانين جي ڪري) ان ڏينهن ڌوڙ هوندي. |
| تَرْهَقُهَا قَتَرَةٌ ﴿٤١﴾ | (٤١) جن کي (ظلمت جي) ڪارهن ويڙهي ويندي. |
| اُولٰٓئِكَ هُمُ الْكَفَرَةُ الْفَجَرَةُ ﴿٤٢﴾ | (٤٢) اهي ئي ڪافر بدڪار آهن (جن زندگيءَ ۾ فرمانبرداريءَ جي واٽ بجاءِ سرڪشي جو رستو اختيار ڪيو.) |

**سورة الڪوير —مڪي**

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

رڪوع 1

**آخرت جو بيان. قرآن جهان وارن لاءِ نصيحت ڪانسواءِ ٻيو ڪجهه نه آهي.**

| | |
|---|---|
| اِذَا الشَّمْسُ كُوِّرَتْ ﴿١﴾ | (١) جڏهن (قيامت اچڻ وقت) سج کي ويڙهيو ويندو، (۽ منجهس روشني نه رهندي). |

| | |
|---|---|
| وَإِذَا النُّجُومُ انكَدَرَتْ ۝٢ | (٢) ۽ جڏهن تارا هيٺ ڪري ٽڙي پکڙجي پوندا. |
| وَإِذَا الْجِبَالُ سُيِّرَتْ ۝٣ | (٣) ۽ جڏهن جبلن کي (هلڪڙي شيءِ وانگر) هلايو ويندو. |
| وَإِذَا الْعِشَارُ عُطِّلَتْ ۝٤ | (٤) ۽ جڏهن ڏهن مهينن جون (ڏنارن کي پياريون) ڍڪيون ڏاچيون (ڏنار کان سواءِ) ڇوڙ ڇڏيون وينديون. |
| وَإِذَا الْوُحُوشُ حُشِرَتْ ۝٥ | (٥) ۽ جڏهن (هڪ ٻئي کان ٽهڻ وارا) جهنگلي جانور (ٻه خوف ۽ گهٻراهٽ ۾) گڏ ڪيا ويندا. |
| وَإِذَا الْبِحَارُ سُجِّرَتْ ۝٦ | (٦) ۽ جڏهن (کارا ۽ مٺا) درياهه (باهه وانگر) تپايا ويندا. |
| وَإِذَا النُّفُوسُ زُوِّجَتْ ۝٧ | (٧) جڏهن پانت پانت جا ماڻهو (هڪ جاءِ تي) آندا ويندا. |
| وَإِذَا الْمَوْءُودَةُ سُئِلَتْ ۝٨ | (٨) ۽ جڏهن جيئري پوريل (۽ حق ماريل) نياڻي کان پڇيو ويندو، |
| بِأَيِّ ذَنبٍ قُتِلَتْ ۝٩ | (٩) تہ ڪهڙي گناهه ڪري هوءَ ماري ويئي هئي؟ |
| وَإِذَا الصُّحُفُ نُشِرَتْ ۝١٠ | (١٠) ۽ جڏهن (ماڻهن جي ڪيل عملن جا) دفتر کوليا ويندا. |
| وَإِذَا السَّمَاءُ كُشِطَتْ ۝١١ | (١١) ۽ جڏهن آسمان جي کل لاٿي ويندي. (جو اهو کل لٿل ٻڪريءَ وانگر ڳاڙهو هوندو.) |
| وَإِذَا الْجَحِيمُ سُعِّرَتْ ۝١٢ | (١٢) ۽ جڏهن دوزخ جي باهه ڀڙڪائي ويندي. |
| وَإِذَا الْجَنَّةُ أُزْلِفَتْ ۝١٣ | (١٣) ۽ جڏهن جنت کي ويجهو ڪيو ويندو. (مطلب تہ جڏهن هي قيامت جا سڀ منظر سامهون ايندا.) |
| عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا أَحْضَرَتْ ۝١٤ | (١٤) تڏهن سيڪو شخص انهن (دنيا ۾ ڪيل عملن) کي ڄاڻندو جن کي پاڻ سان کڻي آيو هوندو. |
| فَلَا أُقْسِمُ بِالْخُنَّسِ ۝١٥ | (١٥) پوءِ (قيامت جي منظرن جون اهي ڳالهيون ائين چيل ناهن، بلڪ قرآن ۾ چيل آهن، جنهن جي سچائي تي) پنتي هٽندڙ (تارن جو نظام ٻہ) شاهد آهي. |
| الْجَوَارِ الْكُنَّسِ ۝١٦ | (١٦) سڌو هلندڙن (۽ پنهنجي منزل طرف) لڪي هلندڙ (تارن جو نظام ٻہ اوهان کي شاهدي ڏيندو). |
| وَاللَّيْلِ إِذَا عَسْعَسَ ۝١٧ | (١٧) ۽ رات جي (شاهدي) جڏهن اها اچي ٿي، |
| وَالصُّبْحِ إِذَا تَنَفَّسَ ۝١٨ | (١٨) صبح جي (شاهدي) جڏهن (اهو زندگيءَ جي پيغام کڻي) ظاهر ٿئي ٿو. |

إِنَّهُ لَقَوْلُ رَسُولٍ كَرِيمٍ ۙ ﴿١٩﴾

(١٩) تہ اهو (قرآن) خوبين واري قاصد (جبرائيل) ذريعي موڪيل ڪلام آهي.

ذِي قُوَّةٍ عِنْدَ ذِي الْعَرْشِ مَكِينٍ ۙ ﴿٢٠﴾

(٢٠) جو سگهہ وارو، عرش جي مالڪ (الله) وٽ مرتبي وارو آهي.

مُطَاعٍ ثَمَّ أَمِينٍ ۗ ﴿٢١﴾

(٢١) اتي (آسمانن ۾ ملائڪن وٽ) سندس حڪم مڃيل ۽ امانت وارو آهي.

وَمَا صَاحِبُكُمْ بِمَجْنُونٍ ۚ ﴿٢٢﴾

(٢٢) ۽ (اي مڪي وارؤ!) اوهان سان گڏ رهڻ وارو (محمد ﷺ) ڪو چريو نہ آهي. (الله اوهان جي لاءِ بہ ڪائنات وانگر مستحڪم ۽ ٺوس قانون انهيءَ رسول جي ذريعي رسائي ٿو.)

وَلَقَدْ رَآهُ بِالْأُفُقِ الْمُبِينِ ۚ ﴿٢٣﴾

(٢٣) ۽ (ڪيس خدا جي پاران وحي رسي ٿو) بيشڪ ان (رسول وحي آڻيندڙ) جبرائيل کي آسمان جي پڌري ڪناري تي ڏٺو آهي.

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ ۚ ﴿٢٤﴾

(٢٤) ۽ هو غيب جي خبرن (وحي کان مليل پيغام) ٻڌائڻ ۾ بخل ڪرڻ وارو نہ آهي. (جيئن جو تيئن پهچائي ٿو).

وَمَا هُوَ بِقَوْلِ شَيْطَانٍ رَجِيمٍ ۙ ﴿٢٥﴾

(٢٥) ۽ نہ اهو (قرآن اندازي تي مبني يا حقيقت کان پري) تڙيل شيطان جو ڪلام آهي.

فَأَيْنَ تَذْهَبُونَ ۗ ﴿٢٦﴾

(٢٦) جڏهن حقيقت اها آهي تہ پوءِ اوهان ڪيڏانهن ڀٽڪو ٿا؟

إِنْ هُوَ إِلَّا ذِكْرٌ لِلْعَالَمِينَ ۙ ﴿٢٧﴾

(٢٧) اهو (قرآن پڪ ڄاڻو تہ) جهان وارن لاءِ نصيحت کان سواءِ ٻيو ڪجهہ نہ آهي.

لِمَنْ شَاءَ مِنْكُمْ أَنْ يَسْتَقِيمَ ﴿٢٨﴾

(٢٨) انلاءِ نصيحت آهي جيڪو اوهان مان (فضيلتپٽي جي واٽ تي) سڌو هلڻ گهري ٿو.

وَمَا تَشَاءُونَ إِلَّا أَنْ يَشَاءَ اللَّهُ رَبُّ الْعَالَمِينَ ﴿٢٩﴾

(٢٩) ۽ اوهين جهان وارن جي پاليندڙ الله جي (قانونن آڏو سيس نوائي سندس) گهر کان سواءِ (فضيلتپٽي جي واٽ تي سڌي هلڻ جو) ارادو ڪري نٿا سگهو.

## سورة الانفطار —مڪي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قيامت جي واقعن جو ڪجهہ وڌيڪ بيان.**

إِذَا السَّمَاءُ انْفَطَرَتْ ۙ ﴿١﴾

(١) (قيامت جي ٿيڻ ۽ ان جي منظر طرف اسان اوهان جو توجہ وري وري ڇڪايون ٿا تہ، جيئن اوهان کي ان آخرت واري مسئلي جي اهميت جو اندازو ٿئي، سو ٻڌو تہ) جڏهن آسمان ڦاٽندو،

| | |
|---|---|
| وَاِذَا الْكَوَاكِبُ انْتَثَرَتْ ۝٢ | (٢) جڏهن تارا ڇڻي پوندا، |
| وَاِذَا الْبِحَارُ فُجِّرَتْ ۝٣ | (٣) ۽ جڏهن (کارا ۽ مٺا) درياهه ڦاڙي ملائي وهايا ويندا. |
| وَاِذَا الْقُبُوْرُ بُعْثِرَتْ ۝٤ | (٤) (جڏهن (مئلن کي جيئارڻ لاءِ) قبرون هيٺ مٿي ڪيون وينديون، |
| عَلِمَتْ نَفْسٌ مَّا قَدَّمَتْ وَاَخَّرَتْ ۝٥ | (٥) تڏهن سڀ ڪنهن شخص جيڪي اڳي موڪليو هوندو ۽ پنتي (طريقو) ڇڏيو هوندو، تنهن کي (تنهنجي سامهون) پڌرو ڏسندو. |
| يٰٓاَيُّهَا الْاِنْسَانُ مَا غَرَّكَ بِرَبِّكَ الْكَرِيْمِ ۝٦ | (٦) اي انسان! (تون جو خدا جي قانونن کان منهن موڙيو آهي، سو) تو کي ڪهڙي شيءِ پنهنجي مهربان پالڻهار (جي اطاعت) کان دوکي ۾ وڌو آهي. |
| الَّذِيْ خَلَقَكَ فَسَوّٰىكَ فَعَدَلَكَ ۝٧ | (٧) جنهن تو کي (پنهنجي ٻاجھ سان ماءُ جي رحم ۾) پيدا ڪيو، پوءِ تو کي صحيح سالم (عقل هوش ۽ حواس وارو) ڪيو، پوءِ تو کي (زندگي گهارڻ لاءِ) متوازن ڪيائين. |
| فِيْٓ اَيِّ صُوْرَةٍ مَّا شَآءَ رَكَّبَكَ ۝٨ | (٨) جنهن به صورت ۾ گهريائين تنهن ۾ تو کي (مناسب ڍول سان) جوڙيو اٿس. |
| كَلَّا بَلْ تُكَذِّبُوْنَ بِالدِّيْنِ ۝٩ | (٩) خبردار (پوءِ به اوهان پنهنجي پالينڌڙ بابت ڌوڪو کائو ٿا) ان ڪري جو اوهين (سڀني عملن جو ذري پرزي حساب ڪان پوءِ ان جي) بدلي ملڻ کي ڪوڙ سمجهو ٿا. |
| وَاِنَّ عَلَيْكُمْ لَحٰفِظِيْنَ ۝١٠ | (١٠) هوڏانهن (اوهان جي عملن جو هر پهلو محفوظ ڪرڻ لاءِ) اوهان تي اهڙا نگهبان (مقرر) آهن. |
| كِرَامًا كَاتِبِيْنَ ۝١١ | (١١) جيڪي خوبين وارا آهن (اوهان جي عملن کي مستعد ٿي ايمانداريءَ سان) لکڻ وارا آهن. |
| يَعْلَمُوْنَ مَا تَفْعَلُوْنَ ۝١٢ | (١٢) جيڪي اوهين ڪريو ٿا (لڪ ۾ يا ظاهر ۾) تنهن کي ڄاڻن ٿا. |
| اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ۝١٣ | (١٣) بيشڪ (الله جي قانونن جا) تابعدار ته نعمت ۾ هوندا. |
| وَاِنَّ الْفُجَّارَ لَفِيْ جَحِيْمٍ ۝١٤ | (١٤) ۽ (انهن قانونن جا) منڪر) بدڪار دوزخ جي باهه ۾ هوندا. |
| يَّصْلَوْنَهَا يَوْمَ الدِّيْنِ ۝١٥ | (١٥) اهي حساب جي ڏينهن (اچا ڪارا پڌرا ٿيڻ ڪان پوءِ) ان ۾ گهڙندا. |
| وَمَا هُمْ عَنْهَا بِغَآئِبِيْنَ ۝١٦ | (١٦) ۽ (ان ۾ داخل ٿيڻ کان پوءِ) اهي ان کان نڪري جدا ٿيڻ وارا به نه آهن. |
| وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ۝١٧ | (١٧) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر ته حساب جو ڏينهن ڇا آهي؟ (۽ ڪيئن نتيجا ماڻهن کي پلئه پوندا). |
| ثُمَّ مَآ اَدْرٰىكَ مَا يَوْمُ الدِّيْنِ ۝١٨ | (١٨) وري (ڇا چئون ته) تو کي ڪهڙي خبر ته حساب جو ڏينهن ڇا آهي؟ |

| | |
|---|---|
| يَوۡمَ لَا تَمۡلِكُ نَفۡسٌ لِّنَفۡسٍ شَيۡـًٔا ؕ وَالۡاَمۡرُ يَوۡمَئِذٍ لِّلّٰهِ ﴿۱۹﴾ | (١٩) جنهن ڏينهن (هرهڪ رڳو پنهنجي عملن ڪي سامهون ڏسندو ۽) ڪو بہ شخص ڪنهن بہ شخص لاءِ ڪجھ بہ ڪري ڪين سگھندو ۽ حڪم ان ڏينهن رڳو الله جو هوندو. |
| | **سورة المطففين —مڪي** |
| بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |
| | رڪوع 1 |
| | **ڪاروباري بددیانتي ۽ اخلاقي برائي جو ڪارڻ آخرت تي يقين نہ هئڻ آهي** |
| وَيۡلٌ لِّلۡمُطَفِّفِيۡنَ ۙ﴿۱﴾ | (١)(ماپ ۽ تور ۾) گھٽ ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. |
| الَّذِيۡنَ اِذَا اكۡتَالُوۡا عَلَى النَّاسِ يَسۡتَوۡفُوۡنَ ۖ﴿۲﴾ | (٢) اهي (پئسي جا پوڄاري) جڏهن ماڻهن کان توري ماپي (شيون يا محنت) وٺن ٿا تہ پورو ڪري وٺن ٿا. |
| وَاِذَا كَالُوۡهُمۡ اَوْ وَّزَنُوۡهُمۡ يُخۡسِرُوۡنَ ؕ﴿۳﴾ | (٣) ۽ جڏهن انهن کي ماپي يا توري (۽ حساب يا مزدوري) ڏين ٿا تہ گھٽ ڪري ڏين ٿا. |
| اَلَا يَظُنُّ اُولٰٓـئِكَ اَنَّهُمۡ مَّبۡعُوۡثُوۡنَ ۙ﴿۴﴾ لِيَوۡمٍ عَظِيۡمٍ ۙ﴿۵﴾ | (٤) ڇا اهي خيال نٿا ڪن تہ انهن کي ضرور جيئرو ڪري اٿاريو ويندو. (٥) انهيءَ (حساب ڪتاب واري) وڏي ڏينهن، |
| يَّوۡمَ يَقُوۡمُ النَّاسُ لِرَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ﴿۶﴾ | (٦) جنهن ڏينهن سڀئي ماڻهو جهانن جي پاليندڙ جي اڳيان بيهندا. |
| كَلَّاۤ اِنَّ كِتٰبَ الۡفُجَّارِ لَفِىۡ سِجِّيۡنٍ ؕ﴿۷﴾ | (٧) خبردار (متان بدڪار هن وهم ۾ هجن تہ اهڙو ڏينهن نہ ايندو) بيشڪ بدڪارن جو ڪتاب (عمل نامو) تہ سجين ۾ آهي. |
| وَمَاۤ اَدۡرٰٮكَ مَا سِجِّيۡنٌ ؕ﴿۸﴾ | (٨) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪهڙي خبر تہ سجين ڇا آهي؟ |
| كِتٰبٌ مَّرۡقُوۡمٌ ؕ﴿۹﴾ | (٩) هڪ لکيل ڪتاب آهي، (جنهن ۾ هرهڪ جي بدعملن جي ڇنائي ٿيل آهي.) |
| وَيۡلٌ يَّوۡمَئِذٍ لِّلۡمُكَذِّبِيۡنَ ۙ﴿۱۰﴾ | (١٠) ان ڏينهن ڪوڙي ڪندڙن لاءِ وڏي هلاڪت آهي. |
| الَّذِيۡنَ يُكَذِّبُوۡنَ بِيَوۡمِ الدِّيۡنِ ؕ﴿۱۱﴾ | (١١) جيڪي (مذاق، ٽوڪ ۽ آڪڙ وچان) حساب جي ڏينهن کي ڪوڙو ڪن ٿا. |
| وَمَا يُكَذِّبُ بِهٖۤ اِلَّا كُلُّ مُعۡتَدٍ اَثِيۡمٍ ۙ﴿۱۲﴾ | (١٢) هوڏانهن ان کي سڀ ڪنهن (ڏوهہ ۾) حد کان لنگھندڙ گنهگار (ڏوهاري ذهنيت) کان سواءِ ٻيو ڪو ڪوڙو نٿو ڪري. |
| اِذَا تُتۡلٰى عَلَيۡهِ اٰيٰتُنَا قَالَ اَسَاطِيۡرُ الۡاَوَّلِيۡنَ ؕ﴿۱۳﴾ | (١٣) جو جڏهن ان (ڏوهاري) کي اسان جون آيتون (انساني فلاح ۽ سڌاري يا قومن جي عروج ۽ زوال جون تاريخي حقيقتون) پڙهي ٻڌايون وڃن ٿيون تہ چوي ٿو تہ، هي (قدامت پرستيءَ جون) اڳوڻيون لکيل آکاڻيون آهن. |

كَلَّا بَلْ ۜ رَانَ عَلٰى قُلُوْبِهِمْ مَّا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ ۝١٤

(١٤) (کين چئو تہ ڳالھ) ائين نہ آھي پر (اصلي) ڳالھ ھيءَ آھي تہ، جيکي (بڇڙا ڪم ۽ آواره گرديون) اھي ڪندا رھيا تن جي ڪٽ سندن دلين تي جمي ويئي آھي. (۽ ھيئنر منجھن سوچڻ سمجھڻ جي صلاحيت ئي نہ رھي آھي.)

كَلَّآ اِنَّهُمْ عَنْ رَّبِّهِمْ يَوْمَىِٕذٍ لَّمَحْجُوْبُوْنَ ۝١٥

(١٥) خبردار ٿين، بيشڪ انھن (بدنصيبن) کي ان ڏينھن سندن پالينڊڙ (جي اڳيان اچڻ) کان روڪيو ويندو.

ثُمَّ اِنَّهُمْ لَصَالُوا الْجَحِيْمِ ۝١٦

(١٦) پوءِ اھي دوزخ ۾ ضرور داخل ڪيا ويندا.

ثُمَّ يُقَالُ هٰذَا الَّذِيْ كُنْتُمْ بِهٖ تُكَذِّبُوْنَ ۝١٧

(١٧) وري اتي کين چئبو تہ، ھيءَ (دوزخ) اھا آھي، جنھن کي اوھين (اسان جي مڪافات وارن قانونن جي نتيجي طور ملڻ کي) ڪوڙو ڪندا ھئا.

كَلَّآ اِنَّ كِتٰبَ الْاَبْرَارِ لَفِيْ عِلِّيِّيْنَ ۝١٨

(١٨) خبردار ٿين (۽ پڪ ڪري وٺن تہ) تابعدارن جو ڪتاب (عمل نامو) بيشڪ عليين ۾ آھي.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا عِلِّيُّوْنَ ۝١٩

(١٩) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪھڙي خبر تہ عليين ڇا آھي؟

كِتٰبٌ مَّرْقُوْمٌ ۝٢٠

(٢٠) ھڪ لکيل ڪتاب آھي. (جنھن ۾ ھرھڪ جي نيڪ عملن جي چٽائي ٿيل آھي).

يَّشْهَدُهُ الْمُقَرَّبُوْنَ ۝٢١

(٢١) ان (عليين) وٽ (الله جا) ويجھا (فرمانبردار پنھنجي اعمال نامي جي ڏسڻ لاءِ) حاضر ٿين ٿا.

اِنَّ الْاَبْرَارَ لَفِيْ نَعِيْمٍ ۝٢٢

(٢٢) بيشڪ تابعدار تہ ضرور (بھشت جي) نعمت ۾ ٿيندا.

عَلَى الْاَرَآىِٕكِ يَنْظُرُوْنَ ۝٢٣

(٢٣) پلنگن تان (بھشت جي عجائبات جا نظارا) پيا ڏسندا.

تَعْرِفُ فِيْ وُجُوْهِهِمْ نَضْرَةَ النَّعِيْمِ ۝٢٤

(٢٤) تون انھن جي چھري ۾ (آرام ۽ اطمينان وارين) نعمتن جي تازگي معلوم ڪندين.

يُسْقَوْنَ مِنْ رَّحِيْقٍ مَّخْتُوْمٍ ۝٢٥

(٢٥) کين مھر لڳل خالص مشروبن مان پيو پيياربو.

خِتٰمُهٗ مِسْكٌ ۭ وَفِيْ ذٰلِكَ فَلْيَتَنَافَسِ الْمُتَنَافِسُوْنَ ۝٢٦

(٢٦) جنھن تي مھر مشڪ جي ھوندي، ۽ ان ۾ اجان (بہ اھڙيون شيون ھونديون جو) پلي شوق ڪرڻ وارا (مزي سان) شوق پورو ڪن.

وَمِزَاجُهٗ مِنْ تَسْنِيْمٍ ۝٢٧

(٢٧) ۽ ان جي ملاوت تسنيم (جي پاڻي) مان ھوندي.

عَيْنًا يَّشْرَبُ بِهَا الْمُقَرَّبُوْنَ ۝٢٨

(٢٨) جو ھڪ چشمو آھي، جنھن مان (الله جا) ويجھا ڀانھا پيئندا.

اِنَّ الَّذِيْنَ اَجْرَمُوْا كَانُوْا مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا يَضْحَكُوْنَ ۝٢٩

(٢٩) بيشڪ ڏوھاري (ماڻھو) ايمان وارن تي (دنيا ۾) کلندا ھئا.

وَإِذَا مَرُّوا بِهِمْ يَتَغَامَزُونَ ﴿٣٠﴾

(٣٠) ۽ اهي (ايمان وارا) جڏهن انهن (ڏوهارين) وٽان لنگهندا هئا تہ (اهي ڏوهاري پاڻ ۾) هڪٻئي کي اکيون هڻندا هئا.

وَإِذَا انْقَلَبُوا إِلَىٰ أَهْلِهِمُ انْقَلَبُوا فَكِهِينَ ﴿٣١﴾

(٣١) ۽ جڏهن پنهنجن گهر وارن ڏي موٽندا هئا، (اتي بہ ايمان وارن تي ٽوڪون ڪري) پاڻ کي خوش ڪرڻ واريون (اهي) ڳالهيون ڪندا هئا.

وَإِذَا رَأَوْهُمْ قَالُوا إِنَّ هَٰؤُلَاءِ لَضَالُّونَ ﴿٣٢﴾

(٣٢) ۽ جڏهن انهن (ايمان وارن) کي ڏسندا هئا تہ چوندا هئا تہ بيشڪ هي تہ (آخرت جي آسري دنياداريءَ جي) رستي کان ڀٽڪيل آهن.

وَمَا أُرْسِلُوا عَلَيْهِمْ حَافِظِينَ ﴿٣٣﴾

(٣٣) هوڏانهن اُهي انهن (مؤمنن) جي مٿان نگهبان (يا داروغا) ڪري نہ موڪليا ويا هئا.

فَالْيَوْمَ الَّذِينَ آمَنُوا مِنَ الْكُفَّارِ يَضْحَكُونَ ﴿٣٤﴾

(٣٤) سو اڄ (قيامت جي ڏينهن) ايمان وارا ڪافرن (جي ان پورڙائپ) تي کلن ٿا.

عَلَى الْأَرَائِكِ يَنْظُرُونَ ﴿٣٥﴾

(٣٥) (ايمان وارا جنت ۾ پنهنجي) پلنگن تان (ويٺي جهنم ۾) ڏسي رهيا هوندا (تہ انهن منڪرن جو حشر ڇا ٿي رهيو آهي، جيڪي دنيا ۾ سندن مذاق اڏائيندا هئا).

هَلْ ثُوِّبَ الْكُفَّارُ مَا كَانُوا يَفْعَلُونَ ﴿٣٦﴾

(٣٦) (۽ چوندا پيا تہ) منڪر جيڪي ڪم ڪندا هئا، تن جو بدلو انهن کي ڪيڏو نہ (بڇڙي نموني) مليو آهي؟

## سورة الانشقاق—مکي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**انسان پنهنجي فطرت ۾ خدا تائين ضرور پهچڻو آهي، سرخروئيءَ سان يا ندامت سان.**

إِذَا السَّمَاءُ انْشَقَّتْ ﴿١﴾

(١) (توجہ ڪر تہ قيامت واري موقعي تي) جڏهن آسمان ڦاٽندو،

وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٢﴾

(٢) ۽ (اهو آسمان ائين ڪرڻ لاءِ) پنهنجي پالڻهار جو حڪم ٻڌندو ۽ ان کي حڪم ٻڌڻ لازمي آهي.

وَإِذَا الْأَرْضُ مُدَّتْ ﴿٣﴾

(٣) ۽ جڏهن زمين (قيامت وارو ميدان وسيع ڪرڻ لاءِ) ڇڪي وڌائي ويندي.

وَأَلْقَتْ مَا فِيهَا وَتَخَلَّتْ ﴿٤﴾

(٤) ۽ جيڪي منجهس آهي (يعني مُردا) سو ٻاهر اڇلائيندي ۽ خالي ٿيندي.

وَأَذِنَتْ لِرَبِّهَا وَحُقَّتْ ﴿٥﴾

(٥) ۽ (ڌرتي بہ ائين ڪرڻ لاءِ) پنهنجي پالڻهار جو حڪم ٻڌندي ۽ ان کي حڪم ٻڌڻ لازمي آهي.

يَا أَيُّهَا الْإِنْسَانُ إِنَّكَ كَادِحٌ إِلَىٰ رَبِّكَ كَدْحًا فَمُلَاقِيهِ ﴿٦﴾

(٦) اي انسان! تون پنهنجي پالڻهار کي ملڻ تائين گهڻي ڪوشش ڪرڻ وارو آهين، پوءِ تون ان کي (ان ڏينهن ضرور) ملندين.

| | |
|---|---|
| فَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَابَهُ بِيَمِينِهِ ﴿٧﴾ | (٧) پوءِ جنهن کي سندس (عملن جو) ڪتاب سندس سڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو، |
| فَسَوْفَ يُحَاسَبُ حِسَابًا يَسِيرًا ﴿٨﴾ | (٨) تنهن کان آسان حساب ورتو ويندو. |
| وَيَنْقَلِبُ إِلَىٰ أَهْلِهِ مَسْرُورًا ﴿٩﴾ | (٩) ۽ هو (پنهنجي سڦلائتي زندگيءَ جو سڦلو حساب ڏئي جنت ۾) پنهنجي گهر وارن (حورن ۽ زالن) ڏي خوش ٿي موٽندو. |
| وَأَمَّا مَنْ أُوتِيَ كِتَابَهُ وَرَاءَ ظَهْرِهِ ﴿١٠﴾ | (١٠) ۽ جنهن کي سندس (عملن جو) ڪتاب سندس پٺيءَ پٺتان (کٻي هٿ ۾) ڏنو ويندو، |
| فَسَوْفَ يَدْعُو ثُبُورًا ﴿١١﴾ | (١١) سو مري وڃُس، مري وڃس، ڪري دانهون ڪندو. |
| وَيَصْلَىٰ سَعِيرًا ﴿١٢﴾ | (١٢) ۽ (ڪيس جهنم جي) باهه ۾ ڌوڪيو ويندو. |
| إِنَّهُ كَانَ فِي أَهْلِهِ مَسْرُورًا ﴿١٣﴾ | (١٣) ڇو ته هو (دنيا ۾) پنهنجي گهر وارن ۾ (بي فڪر ٿي عياشيون ڪرڻ) سان خوش هو. |
| إِنَّهُ ظَنَّ أَنْ لَنْ يَحُورَ ﴿١٤﴾ | (١٤) بيشڪ ان خيال ڪيو هو ته، هو ڪڏهن به (الله ڏي) ڪين موٽندو. |
| بَلَىٰ ۚ إِنَّ رَبَّهُ كَانَ بِهِ بَصِيرًا ﴿١٥﴾ | (١٥) اهڙيءَ طرح نه آهي، بلڪ ان (جي ته هر چرپر) کي سندس پاليندڙ ڏسندڙ هو. |
| فَلَا أُقْسِمُ بِالشَّفَقِ ﴿١٦﴾ | (١٦) پوءِ قسم آهي شفق جو. |
| وَاللَّيْلِ وَمَا وَسَقَ ﴿١٧﴾ | (١٧) ۽ (ان کان پوءِ جلد ايندڙ) رات جو ۽ انهن (تارن) جو جن کي گڏ ڪيو اٿس. |
| وَالْقَمَرِ إِذَا اتَّسَقَ ﴿١٨﴾ | (١٨) ۽ چنڊ جو جڏهن (آهستي آهستي منزل طئه ڪري) برابر (گول) ٿئي ٿو. |
| لَتَرْكَبُنَّ طَبَقًا عَنْ طَبَقٍ ﴿١٩﴾ | (١٩) (ڪائنات ۾ اهي سڀ هڪ ٻئي پٺيان بدلجندڙ حالتون شاهد آهن) ته اوهين (به) هڪڙي حال کان لنگهي ٻئي حال تي ضرور ايندؤ. |
| فَمَا لَهُمْ لَا يُؤْمِنُونَ ﴿٢٠﴾ | (٢٠) پوءِ انهن (منڪرن) کي ڇا ٿيو آهي جو (هيڏن ڇٽن دليلن جي باوجود خدا جي ماڪافات وارن قانونن تي) ايمان نٿا آڻين. |
| وَإِذَا قُرِئَ عَلَيْهِمُ الْقُرْآنُ لَا يَسْجُدُونَ ۩ ﴿٢١﴾ | (٢١) ۽ جڏهن وٽن قرآن پڙهجي ٿو ته ان وقت به خدا جي طرف نٿا جهڪن. |
| بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا يُكَذِّبُونَ ﴿٢٢﴾ | (٢٢) هٿيون اهي ڪافر (قرآن جي انهن سچاين کي) ڪوڙو ڪن ٿا. |
| وَاللَّهُ أَعْلَمُ بِمَا يُوعُونَ ﴿٢٣﴾ | (٢٣) هوڏانهن جيڪي (پنهنجي وقتي مفادن کي بچائڻ جي لاءِ دل ۾ پهچائن ۽) سانديين ٿا تنهن کي الله گهڻو ڄاڻندڙ آهي. |
| فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ أَلِيمٍ ﴿٢٤﴾ | (٢٤) پوءِ انهن (الله جي قانونن مٿان پنهنجي وقتي مفادن کي ترجيح ڏيندڙ ماڻهن) کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ٻڌاءِ. |

| | |
|---|---|
| اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٢٥﴾ | (٢٥) پر جن (الله جي قانونن جي سچائي تي) ايمان آندو ۽ (ان مطابق) چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ اڻ کٽ اجر آهي. |

سورة البروج ـ مکي

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

رکوع 1

**بيشڪ! جن ايمان وارن ۽ ايمان وارين کي ايذايو، وري توبه نہ ڪيائون، تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي، بيشڪ تنهنجي پالڻهار جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي.**

| | |
|---|---|
| وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الْبُرُوْجِ ﴿١﴾ | (١) برجن واري آسمان جو قسم آهي، |
| وَالْيَوْمِ الْمَوْعُوْدِ ﴿٢﴾ | (٢) ۽ وري وعدي ڪيل (انهيءَ قيامت جي) ڏينهن جو (جنهن جو قرآن ۾ وري وري ذڪر ڪيو ويو آهي). |
| وَشَاهِدٍ وَّمَشْهُوْدٍ ﴿٣﴾ | (٣) ۽ شاهدي ڏيندڙ (پيغمبر) ۽ شاهدي ڏنل (مؤمنن جو جن جو قصو هي آهي تہ)، |
| قُتِلَ اَصْحٰبُ الْاُخْدُوْدِ ﴿٤﴾ | (٤) ڪاهي، جنهن ۾ گهڻي ٻارڻ واري باهہ ٻاريل هئي. |
| النَّارِ ذَاتِ الْوَقُوْدِ ﴿٥﴾ | (٥) تنهن جي کوٽيندڙن (ڪافرن) تي ان وقت لعنت پيئي. |
| اِذْ هُمْ عَلَيْهَا قُعُوْدٌ ﴿٦﴾ | (٦) جنهن وقت اهي ان (کاهيءَ جي ڪنارن) تي ويٺل هئا. |
| وَّهُمْ عَلٰى مَا يَفْعَلُوْنَ بِالْمُؤْمِنِيْنَ شُهُوْدٌ ﴿٧﴾ | (٧) ۽ هنن جيڪي ايمان وارن سان ڪيو ٿي، تنهن کي هي (پاڻ مزا وٺي) ڏسي رهيا هئا. |
| وَمَا نَقَمُوْا مِنْهُمْ اِلَّآ اَنْ يُّؤْمِنُوْا بِاللّٰهِ الْعَزِيْزِ الْحَمِيْدِ ﴿٨﴾ | (٨) ۽ انهن (ايمان وارن) مان هنن (ڪافرن) هن ڪان سواءِ ڪو عيب نہ ڪڍيو تہ انهن ان زبردست ساراهيل الله تي ايمان آندو هو. |
| الَّذِيْ لَهٗ مُلْكُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ ۭ وَاللّٰهُ عَلٰى كُلِّ شَيْءٍ شَهِيْدٌ ﴿٩﴾ | (٩) (انهيءَ الله تي ايمان آندو هو) جهن جي آسمانن ۽ زمين جي بادشاهي آهي ۽ الله ئي سڀ ڪنهن شيءِ ڪان باخبر آهي. |
| اِنَّ الَّذِيْنَ فَتَنُوا الْمُؤْمِنِيْنَ وَالْمُؤْمِنٰتِ ثُمَّ لَمْ يَتُوْبُوْا فَلَهُمْ عَذَابُ جَهَنَّمَ وَلَهُمْ عَذَابُ الْحَرِيْقِ ﴿١٠﴾ | (١٠) بيشڪ جن ايمان وارن ۽ ايمان وارين کي ايذايو، وري توبہ نہ ڪيائون تن لاءِ جهنم جو عذاب آهي ۽ انهن لاءِ ساڙيندڙ باهہ جي سزا آهي. |
| اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ جَنّٰتٌ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ڛ ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْكَبِيْرُ ﴿١١﴾ | (١١) (ٻئي پاسي وري) بيشڪ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيا تن لاءِ باغ آهن، جن جي هيٺان واهہ وهن ٿا. اهائي وڏي ڪاميابي ۽ ڪامراني آهي. |

إِنَّ بَطْشَ رَبِّكَ لَشَدِيدٌ ﴿١٢﴾

(١٢) (انهن ڪافرن کي چئو تہ) بيشڪ تنهنجي پالڻهار جي پڪڙ ڏاڍي سخت آهي.

إِنَّهُ هُوَ يُبْدِئُ وَيُعِيدُ ﴿١٣﴾

(١٣) بيشڪ اهوئي نئين سر پيدا ڪري ٿو ۽ وري ٻيهر (قيامت ۾ بہ) پيدا ڪندو.

وَهُوَ الْغَفُورُ الْوَدُودُ ﴿١٤﴾

(١٤) (پوءِ جيڪو هنن مسلمانن کي ستايو آهي ۽ جيڪي برا ڪم ڪيا آهن تن جي خدا کان معافي وٺن) ۽ بيشڪ اهوئي (معافي گھرندڙن کي) گھڻو معاف ڪندڙ (پاڻ سڌاريندڙن سان) گھڻي محبت ڪرڻ وارو آهي.

ذُو الْعَرْشِ الْمَجِيدُ ﴿١٥﴾

(١٥) عرش جو مالڪ وڏي شان وارو.

فَعَّالٌ لِّمَا يُرِيدُ ﴿١٦﴾

(١٦) جنهن (ڳالھ) جو ارادو ڪري تنهن کي (پنهنجي مشيت سان) پورو ڪر چڏڻ وارو آهي.

هَلْ أَتَاكَ حَدِيثُ الْجُنُودِ ﴿١٧﴾

(١٧) (اي پيغمبر!) ڇا توکي (خدائي نظام ۽ قانون جي مخالفت ۾ ايندڙ (لشڪر)،

فِرْعَوْنَ وَثَمُودَ ﴿١٨﴾

(١٨) فرعون ۽ ثمود جي ڳالھ پهتي آهي. (جن جو انجام تاريخ جي ورقن ۾ لکيو پيو آهي).

بَلِ الَّذِينَ كَفَرُوا فِي تَكْذِيبٍ ﴿١٩﴾

(١٩) پر ڪافر (ان مان سبق وٺڻ بجاءِ الله جي قانونن کي) ڪوڙي ڪرڻ ۾ لڳا پيا آهن.

وَاللَّهُ مِن وَرَائِهِم مُّحِيطٌ ﴿٢٠﴾

(٢٠) (هو بيوقوف آهن) ۽ الله (جو اهوئي قانون) انهن جي پٺيان (انهن کي) گھيرو ڪندڙ آهي.

بَلْ هُوَ قُرْآنٌ مَّجِيدٌ ﴿٢١﴾

(٢١) (انهن کي معلوم ناهي تہ الله جي قانونن جو مجموعو هي قرآن معمولي شيءِ ناهي) بلڪ اهو وڏي شان وارو قرآن آهي.

فِي لَوْحٍ مَّحْفُوظٍ ﴿٢٢﴾

(٢٢) جو حفاظت ڪيل ڦرهيءَ (لوح محفوظ) ۾ (لکيل) آهي.

**سورة الطارق ـ مڪي**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قيامت ڏينهن دلين جا ڳجھ ظاهر ڪيا ويندا.**

وَالسَّمَاءِ وَالطَّارِقِ ﴿١﴾

(١) آسمان جو قسم آهي ۽ رات جي وقت نروار ٿيندڙ جو،

وَمَا أَدْرَاكَ مَا الطَّارِقُ ﴿٢﴾

(٢) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪهڙي خبر تہ رات جي وقت نروار ٿيندڙ ڇا آهي؟

النَّجْمُ الثَّاقِبُ ۝٣

(٣) اهو چمڪندڙ تارو آهي.

اِنْ كُلُّ نَفْسٍ لَّمَّا عَلَيْهَا حَافِظٌ ۝٤

(٤) تہ ڪو بہ شخص اهڙو نہ آهي، جنهن تي ڪو نگهبان (سندس عمل لکڻ لاءِ مقرر) نہ هجي.

فَلْيَنْظُرِ الْاِنْسَانُ مِمَّ خُلِقَ ۝٥

(٥) پوءِ سيڪو ماڻهو (عملن جي ان حساب ڪتاب واري ڏينهن جي انڪار کان بچي ۽) ڏسي تہ ڪهڙي شيءِ مان ان کي بنايو ويو آهي؟

خُلِقَ مِنْ مَّآءٍ دَافِقٍ ۝٦

(٦) ان کي ٽپي سان ڪرڻ واريءَ پاڻيءَ (جي نطفي) مان بنايو ويو آهي.

يَّخْرُجُ مِنْۢ بَيْنِ الصُّلْبِ وَالتَّرَآئِبِ ۝٧

(٧) جو (پيءُ جي) پٺيءَ جي وچان ۽ (ماءُ جي) ڇاتيءَ جي هڏين وچان نڪري (ماءُ جي رحم واري جاءِ ۾ پهچي) ٿو.

اِنَّهٗ عَلٰى رَجْعِهٖ لَقَادِرٌ ۝٨

(٨) بيشڪ اهو (الله اهڙي جوڙ جوڙيندڙ ان ڏينهن انسان کي) وري اٿارڻ جي قدرت رکي ٿو.

يَوْمَ تُبْلَى السَّرَآئِرُ ۝٩

(٩) جنهن ڏينهن (ماڻهن کي اٿاريو ويندو تہ انهن جي دلين جا) ڳجهہ ظاهر ڪبا.

فَمَا لَهٗ مِنْ قُوَّةٍ وَّلَا نَاصِرٍ ۝١٠

(١٠) پوءِ نہ ان (ماڻهوءَ) کي ڪا سگهي هوندي (جو ان عمل کي روڪي سگهي) ۽ نہ ڪو مددگار (هوندو، جيڪو کيس ان عمل کان بچائي سگهي.)

وَالسَّمَآءِ ذَاتِ الرَّجْعِ ۝١١

(١١) (هڪ مقرر نظام سان) مينهن ڪيريندڙ آسمان جو قسم آهي.

وَالْاَرْضِ ذَاتِ الصَّدْعِ ۝١٢

(١٢) ۽ (سلن اپرڻ وقت) ڦاٽڻ واري زمين جو (نظام بہ شاهد آهي تہ).

اِنَّهٗ لَقَوْلٌ فَصْلٌ ۝١٣

(١٣) بيشڪ اهو (قرآن بہ هڪ مقرر نظام سان عمل جي نتيجن پسائڻ متعلق) نوس فيصلا ٻڌائيندڙ آهي.

وَّمَا هُوَ بِالْهَزْلِ ۝١٤

(١٤) ۽ اهو چرچو نہ آهي (بلڪ ٺهہ ٺپيل ڳالهہ آهي.)

اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۝١٥

(١٥) بيشڪ اهي (جيڪي ان نظام جي مٽائڻ يا روڪڻ لاءِ) رٿون رٿين ٿا.

وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۝١٦

(١٦) (آءٌ بہ انهن کان غافل ڪونہ آهيان) ۽ آءٌ بہ رٿ رٿيان ٿو.

فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا ۝١٧

(١٧) پوءِ (اي پيغمبر!) ڪافرن کي ڍر ڏي، (جيئن ٻج کي فصل ٿائين ڍر ملندي آهي، تيئن) انهن کي ٿوري ڍر ڏي. (ان کان پوءِ سندن گرفت ٿيندي.)

## سورة اعليٰ – مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع١

**سيني کان مٿاهين پاليندڙ جي نالي جي پاڪائي ۽ عظمت بيان ڪر جو اهو ذات هر نقص کان پاڪ آهي.**

سَبِّحِ اسْمَ رَبِّكَ الْاَعْلَى ۝١

(١) (اي محمد ﷺ) تون پنهنجي سيني کان مٿاهين پالڻهار جي نالي جي عظمت بيان ڪر. (۽ ان جي پالڻهاريءَ واري نظام لاءِ سرگرم رهہ.)

| | |
|---|---|
| الَّذِیْ خَلَقَ فَسَوّٰى ۪ۙ﴿۲﴾ | (٢)(اهو پالڻهار) جنهن سڀني کي پيدا ڪيو ۽ صحيح تناسب سان بنايو. |
| وَالَّذِیْ قَدَّرَ فَهَدٰى ۪ۙ﴿۳﴾ | (٣) ۽ جنهن (تقدير واري نظام سان شين جي اؤسر جو) خاص اندازو مقرر ڪيو، پوءِ (انهن شين کي فطرت يا جبلت ذريعي) رستو ڏيکاري ڇڏيو. |
| وَالَّذِیْۤ اَخْرَجَ الْمَرْعٰى ۪ۙ﴿۴﴾ | (٤) ۽ جنهن (اوسر جي مقصد لاءِ ڌرتيءَ مان) تازو گاهه ڄمايو. |
| فَجَعَلَهٗ غُثَآءً اَحْوٰى ؕ﴿۵﴾ | (٥) پوءِ ان کي (زندگي، اوسر ۽ موت واري قانون هيٺ) ڪارو سڪل ۽ سڙيل ڪيائين. |
| سَنُقْرِئُكَ فَلَا تَنْسٰۤى ۪ۙ﴿۶﴾ | (٦)(اي پيغمبر! انساني هيئت جي اهڙي تڪميل ڪان پوءِ ان جي ذات جي تڪميل لاءِ) سگهوئي توکي (وحي ذريعي ضابطو) پڙهائينداسون، پوءِ تون ڪين وساريندين. |
| اِلَّا مَا شَآءَ اللّٰهُ ؕ اِنَّهٗ یَعْلَمُ الْجَهْرَ وَ مَا یَخْفٰى ؕ﴿۷﴾ | (٧) پر جنهن جي وسارڻ جو الله (پنهنجي مشيت سان) ارادو ڪري، هن ڪري ته اهو ظاهر ۽ ڳجهه کي ڄاڻي ٿو. |
| وَ نُیَسِّرُكَ لِلْیُسْرٰى ۚۖ﴿۸﴾ | (٨) ۽ توکي ان آسان شريعت (جي پهچائڻ ۽ هلڻ) لاءِ آساني پيدا ڪري ڏينداسون. |
| فَذَكِّرْ اِنْ نَّفَعَتِ الذِّكْرٰى ؕ﴿۹﴾ | (٩) پوءِ تون (ماڻهن آڏو اها وحي واري) نصيحت (بيان) ڪندو رهه، جتي نصيحت ڪرڻ فائدو ڏي. |
| سَیَذَّكَّرُ مَنْ یَّخْشٰى ۪ۙ﴿۱۰﴾ | (١٠) جيڪو الله (وٽ حاضر ٿيڻ) جو خوف رکي ٿو، سو سگهوئي ڌيان ڪندو. |
| وَ یَتَجَنَّبُهَا الْاَشْقَى ۪ۙ﴿۱۱﴾ | (١١) ۽ وڏو نياڳو (ٿيندو اهو جيڪو) ان کان پاسيرو رهندو (جو پاڻ کي ان جي فائدن کان محروم رکندو.). |
| الَّذِیْ یَصْلَى النَّارَ الْكُبْرٰى ۚ﴿۱۲﴾ | (١٢)(نتيجي ۾) اهو ماڻهو (تباهين جي) تمام وڏي باهه ۾ پوندو. |
| ثُمَّ لَا یَمُوْتُ فِیْهَا وَ لَا یَحْیٰى ؕ﴿۱۳﴾ | (١٣) وري نه ان ۾ مرندو ۽ نه (آرام سان) جيئندو. |
| قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ۪ۙ﴿۱۴﴾ | (١٤) بيشڪ اهو مراد (۽ ڪامرانين) کي پهتو (جنهن رڳو جسم جي پرورش ڪرڻ بجاءِ پنهنجي شخصيت جي اوسر ڪئي) ۽ متقي بڻيو. |
| وَ ذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ فَصَلّٰى ؕ﴿۱۵﴾ | (١٥) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي پالڻهاريءَ) کي (پنهنجي عمل سان) ياد ڪيائين، پوءِ (انهيءَ رستي تي استقامت واسطي) نماز پڙهيائين. |
| بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَیٰوةَ الدُّنْیَا ۫ۖ﴿۱۶﴾ | (١٦) پر اوهين هن دنيا جي (طبعي) حياتيءَ (جي تڪڙن مفادن) کي ترجيح ڏيو ٿا. |
| وَ الْاٰخِرَةُ خَیْرٌ وَّ اَبْقٰى ؕ﴿۱۷﴾ | (١٧) هوڏانهن آخرت (جي حياتي) گهڻو چڱي ۽ گهڻو بقا واري آهي. |

إِنَّ هَٰذَا لَفِي الصُّحُفِ الْأُولَىٰ ﴿١٨﴾

(١٨) بيشڪ هيءُ بيان (قرآن ۾ پهريون دفعو بيان ڪيل ناهي، بلڪ هي) تہ پهرين ڪتابن ۾،

صُحُفِ إِبْرَاهِيمَ وَمُوسَىٰ ﴿١٩﴾

(١٩) ابراهيم ۽ موسيٰ جي ڪتابن ۾ بہ (اهوئي چيل) آهي.

## سورة الغاشيہ – مڪي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

### جنت ۽ جهنم جو منظر ۽ آخرت جا دليل

هَلْ أَتَاكَ حَدِيثُ الْغَاشِيَةِ ﴿١﴾

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو وٽ ڇانئجي ويندڙ (قيامت جي) ڳالهہ پهتي آهي؟

وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ خَاشِعَةٌ ﴿٢﴾

(٢) ڪي منهن ان ڏينهن خوار (۽ پيلا هوندا).

عَامِلَةٌ نَّاصِبَةٌ ﴿٣﴾

(٣) (دنياداري يا خيالي ۽ غلط دين ڪارڻ) مشقتن جا ماريل ٿڪل هوندا. (انهن بيجا مشقتن جو ثمر سندن ٿڪاوٽ هوندي.

تَصْلَىٰ نَارًا حَامِيَةً ﴿٤﴾

(٤) تمام گرم باهہ ۾ گهڙندا.

تُسْقَىٰ مِنْ عَيْنٍ آنِيَةٍ ﴿٥﴾

(٥) حد درجي جي گرم چشمي مان ڪين (پاڻي) پياريو ويندو.

لَّيْسَ لَهُمْ طَعَامٌ إِلَّا مِن ضَرِيعٍ ﴿٦﴾

(٦) انهن لاءِ زهري ڪانڊيري ڪان سواءِ ٻيو ڪو کاڌو نہ هوندو.

لَّا يُسْمِنُ وَلَا يُغْنِي مِن جُوعٍ ﴿٧﴾

(٧) جو نہ سٻر ڪندو ۽ نہ ڪجھ بک لاهيندو.

وُجُوهٌ يَوْمَئِذٍ نَّاعِمَةٌ ﴿٨﴾

(٨) ڪي (يعني ٻي گروهہ وارا) منهن ان ڏينهن سرها (بکندڙ) هوندا.

لِّسَعْيِهَا رَاضِيَةٌ ﴿٩﴾

(٩) (سچي دين ڪارڻ) پنهنجي ڪوشش (مشقتن ۽ جدوجهد) جي ڪري خوش هوندا.

فِي جَنَّةٍ عَالِيَةٍ ﴿١٠﴾

(١٠) مٿاهين عاليشان بهشت ۾ هوندا.

لَّا تَسْمَعُ فِيهَا لَاغِيَةً ﴿١١﴾

(١١) جنهن ۾ ڪا بہ اجائي ڳالهہ نہ ٻڌندا.

فِيهَا عَيْنٌ جَارِيَةٌ ﴿١٢﴾

(١٢) ان ۾ وهندڙ چشما آهن.

فِيهَا سُرُرٌ مَّرْفُوعَةٌ ﴿١٣﴾

(١٣) ان ۾ (ويهڻ لاءِ) تخت مٿي ڪيل هوندا.

وَأَكْوَابٌ مَّوْضُوعَةٌ ﴿١٤﴾

(١٤) ۽ (پيئڻ لاءِ ترتيب سان) پيالا رکيل.

وَنَمَارِقُ مَصْفُوفَةٌ ﴿١٥﴾

(١٥) ۽ وهاڻا قطار ڪري رکيل.

وَزَرَابِيُّ مَبْثُوثَةٌ ﴿١٦﴾

(١٦) ۽ (اعليٰ درجي جا) غاليچا وڇايل آهن.

أَفَلَا يَنظُرُونَ إِلَى الْإِبِلِ كَيْفَ خُلِقَتْ ﴿١٧﴾

(١٧) ڇا پوءِ (انهيءَ مقام تي پهچڻ لاءِ جنهن مشقت ڪرڻ جي ضرورت آهي، ان لاءِ) اُٺ ڏي نہ ٿا ڏسن تہ انکي ڪيئن (هر حال ۾ بار کڻندڙ ڪري) پيدا ڪيو ويو آهي؟

وَإِلَى السَّمَاءِ كَيْفَ رُفِعَتْ ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ آسمان ڏي تہ ان کي ڪيئن (رفعتن سان) مٿي ڪنيو ويو آهي. (انسان ۾ بہ روين، سوچ ۽ خيال جي ايتري رفعت ۽ اوچائي گهرجي.)

وَإِلَى الْجِبَالِ كَيْفَ نُصِبَتْ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ جبلن ڏي تہ انهن کي ڪيئن (مضبوط ۽ استقامت سان) کڙو ڪيو ويو آهي؟

وَإِلَى الْأَرْضِ كَيْفَ سُطِحَتْ ﴿٢٠﴾

(٢٠) ۽ زمين ڏي تہ ڪيئن (انسانن جي لاءِ) وڇاٽو ٺاٽائي ويئي آهي.

فَذَكِّرْ إِنَّمَا أَنتَ مُذَكِّرٌ ﴿٢١﴾

(٢١) پوءِ (اي پيغمبر پاڻ مجسم انهن خوبين جو ٻئجي ٻين کي بہ) تون نصيحت ڪر! تون تہ نصيحت ڪندڙ ئي آهين.

لَّسْتَ عَلَيْهِم بِمُصَيْطِرٍ ﴿٢٢﴾

(٢٢) (نصيحت نہ وٺن تہ) تون (رڳو انهن کي ياد ڏياريندڙ آهين ۽) مٿن ڪو نگهبان نہ آهين.

إِلَّا مَن تَوَلَّىٰ وَكَفَرَ ﴿٢٣﴾

(٢٣) پر جنهن منهن موڙيو ۽ انڪار جي واٽ ورتي.

فَيُعَذِّبُهُ اللَّهُ الْعَذَابَ الْأَكْبَرَ ﴿٢٤﴾

(٢٤) پوءِ تنهن کي الله (پنهنجي مڪافات وارن قانونن هيٺ) تمام وڏي سزا ڏيندو.

إِنَّ إِلَيْنَا إِيَابَهُمْ ﴿٢٥﴾

(٢٥)(ويندا آخر ڪيڏانهن) بيشڪ اسان جي ئي طرف انهن جو موٽڻ آهي.

ثُمَّ إِنَّ عَلَيْنَا حِسَابَهُم ﴿٢٦﴾

(٢٦) وري انهن کان (ذري ذري جوچڪائي) حساب وٺڻ اسان تي ئي آهي.

## سورة الفجر - مڪي

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**انسان فطرت ۾ ابهرو آهي، خوشيءَ ۾ آپي کان ٻاهر نڪري ۽ رنج ۾ مايوس ٿي وڃي ٿو.**

وَالْفَجْرِ ﴿١﴾

(١) پرهہ ڦُٽيءَ (جي وقت) جو قَسم آهي.

وَلَيَالٍ عَشْرٍ ﴿٢﴾

(٢) ۽ ڏهن راتين جو (جن ۾ حج جي موقعي تي پنهنجي باري ۾ سوچڻ ۽ ٻين انسانن جي حالتن پروڙڻ جو موقعو ملي ٿو.)

وَالشَّفْعِ وَالْوَتْرِ ﴿٣﴾

(٣) ۽ ٻڌيءَ جو ۽ اڪيءَ جو (جن ۾ پوري ڪائنات جڪڙيل آهي.)

وَاللَّيْلِ إِذَا يَسْرِ ﴿٤﴾

(٤) ۽ رات جو جڏهن گذري ٿي، (۽ ان صورتحال تي ڪو بہ فڪرمندي نہ ٿو ڪري).

هَلْ فِي ذَٰلِكَ قَسَمٌ لِّذِي حِجْرٍ ﴿٥﴾

(٥) ڇا انهن شين ۾ ڪو عقل واري لاءِ پڌرو پيغام آهي.

أَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِعَادٍ ۙ ﴿٦﴾

(٦) (اي پيغمبر! اهي اڳين قومن لاءِ خدا جي پڌري پيغام کي ڇو نه ٿا هندائن) ڇا تو نه ڏٺو ته، تنهنجي پالڻهار عاد (جي قوم)،

إِرَمَ ذَاتِ الْعِمَادِ ۙ ﴿٧﴾

(٧) ٿنڀن وانگر قدآور ارم (جي قوم) سان ڪيئن ڪيو.

الَّتِي لَمْ يُخْلَقْ مِثْلُهَا فِي الْبِلَادِ ۙ ﴿٨﴾

(٨) جنهن (جي فن ۽ ٺٽ ٺانگر) جهڙو (ان دور جي) شهرن ۾ ڪو نه پيدا ڪيو ويو.

وَثَمُودَ الَّذِينَ جَابُوا الصَّخْرَ بِالْوَادِ ۙ ﴿٩﴾

(٩) ۽ ثمود (جي قوم) سان (به) جن وادي (القريٰ) ۾ (پٿر جي) ڇپن کي (پختا گهر بنائڻ لاءِ) گهڙيو هو.

وَفِرْعَوْنَ ذِي الْأَوْتَادِ ۙ ﴿١٠﴾

(١٠) ۽ ميخن (ايذائڻ جي وڏي سگهه) واري فرعون سان (به تنهنجي رب ڪيئن ڪيو؟)

الَّذِينَ طَغَوْا فِي الْبِلَادِ ۙ ﴿١١﴾

(١١) جيڪي شهرن ۾ (ڪمزورن تي زيادتيون ڪرڻ ۾) پنهنجي حد کان لنگهي ويا.

فَأَكْثَرُوا فِيهَا الْفَسَادَ ۙ ﴿١٢﴾

(١٢) پوءِ انهن ۾ گهڻو فساد پکيڙيائون.

فَصَبَّ عَلَيْهِمْ رَبُّكَ سَوْطَ عَذَابٍ ۚ ﴿١٣﴾

(١٣) پوءِ تنهنجي پالڻهار مٿن عذاب جو ڇهبڪ وهايو. (۽ هو تباهه و برباد ٿيا.)

إِنَّ رَبَّكَ لَبِالْمِرْصَادِ ۙ ﴿١٤﴾

(١٤) بيشڪ تنهنجو پالڻهار (چڙهي ته) گهاٽ واري هنڌ تي آهي، (عملن کي ڏسندڙ آهي ۽ ڪو به عمل ان کان ڳجهو نٿو رهي).

فَأَمَّا الْإِنْسَانُ إِذَا مَا ابْتَلَاهُ رَبُّهُ فَأَكْرَمَهُ وَنَعَّمَهُ ۙ فَيَقُولُ رَبِّي أَكْرَمَنِ ﴿١٥﴾
وَأَمَّا إِذَا مَا ابْتَلَاهُ فَقَدَرَ عَلَيْهِ رِزْقَهُ ۙ فَيَقُولُ رَبِّي أَهَانَنِ ۚ ﴿١٦﴾

(١٥) (اصل ۾ انسان خدائي قانونن ۽ ان جي عمل ۾ اچڻ جي طريقي کان اڻ واقفيت رکي ٿو. ان ڪري) انسان کي جڏهن سندس پالڻهار آزمائي ٿو، پوءِ ان کي عزت ڏئي ٿو ۽ نعمت ڏئي ٿو ته، (مغروري ۽ فخر ۾) هو چوي ٿو ته، منهنجي پالڻهار مون کي عزت ڏني.

(١٦) ۽ جڏهن ان کي هن طرح آزمائي ٿو جو مٿس سندس روزي تنگ ڪري ٿو ته، چوي ٿو ته، منهنجي پالڻهار مونکي خوار ڪيو. (حالانڪ اهو سڀ ڪجهه خدا جي مقرر قانونن جي نتيجي ۾ عمل پذير ٿئي ٿو.)

كَلَّا ۖ بَلْ لَا تُكْرِمُونَ الْيَتِيمَ ۙ ﴿١٧﴾

(١٧) ائين نه آهي (جو خدا ڪنهن کي هرو ڀرو خوار ڪري) پر اوهين (ڏرتيءَ تي پر گهور جي لائق) يتيم جي عزت نه ٿا ڪريو.

وَلَا تَحَاضُّونَ عَلَىٰ طَعَامِ الْمِسْكِينِ ۙ ﴿١٨﴾

(١٨) ۽ نه ڪي هڪ ٻئي کي (ضرورتمند) مسڪين کي کاڌي ڏيڻ جي رغبت ڏيو ٿا.

وَتَأْكُلُونَ التُّرَاثَ أَكْلًا لَمًّا ۙ ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ مئلن جو مال ميڙي سيڙي کائو ٿا. (۽ وارثن تائين پورو حق نٿا پهچايو.)

| | |
|---|---|
| وَّ تُحِبُّوْنَ الْمَالَ حُبًّا جَمًّا ﴿٢٠﴾ | (٢٠) ۽ (اتڪلون سٽڪلون ڪري ٻين جي مال ٻه ڇڪي اچو ٿا، جو وڏي ۽ انڌي سرمائيداري ننڍن جا مال ڳڙڪائي وڃي ٿي ۽ اوهان) مال سان (ميڙ ميڙان جي) بيحد محبت رکو ٿا. |
| كَلَّآ اِذَا دُكَّتِ الْاَرْضُ دَكًّا دَكًّا ﴿٢١﴾ | (٢١) خبردار (اهوئي سبب آهي جنهن اوهان کي خوار ڪيو. سو قيامت ڏينهن) جڏهن زمين کي ڪٽي ڪٽي سنئون (ميدان محشر لاءِ ڊگهو ميدان) ڪيو ويندو. |
| وَّ جَآءَ رَبُّكَ وَالْمَلَكُ صَفًّا صَفًّا ﴿٢٢﴾ | (٢٢) ۽ تنهنجو رب (حساب ڪتاب جي لاءِ) ايندو ۽ ملائڪ ٻه قطارن ۾ (ايندا) |
| وَجِايْٓءَ يَوْمَئِذٍ بِجَهَنَّمَ ۙ يَوْمَئِذٍ يَّتَذَكَّرُ الْاِنْسَانُ وَاَنّٰى لَهُ الذِّكْرٰى ﴿٢٣﴾ | (٢٣) ۽ دوزخ کي ان ڏينهن آڻبو، تڏهن ان ڏينهن انسان (اسان جي نصيحتن ڏانهن) ڌيان ڪندو (پر وقت نڪري چڪو هوندو) ۽ ڪٿان نصيحت جو فائدو ٿيندس؟ |
| يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِيْ قَدَّمْتُ لِحَيَاتِيْ ﴿٢٤﴾ | (٢٤) (ان وقت حسرت وچان) چوندو ته جيڪر (ڪجهه چڱا عمل) پنهنجي حياتيءَ لاءِ اڳي موڪليان ها. |
| فَيَوْمَئِذٍ لَّا يُعَذِّبُ عَذَابَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٥﴾ | (٢٥) پوءِ ان ڏينهن الله (اهڙي سزا ڏيندو جو ان) جي سزا جهڙي سزا ٻيو ڪو به نه ڏيندو. |
| وَّلَا يُوْثِقُ وَثَاقَهٗٓ اَحَدٌ ﴿٢٦﴾ | (٢٦) ۽ ان جي گرفت جهڙو ٻيو ڪو به گرفت ۾ نه آڻيندو. |
| يٰٓاَيَّتُهَا النَّفْسُ الْمُطْمَئِنَّةُ ﴿٢٧﴾ | (٢٧) (۽ خدا جي قانونن جي پاسداري ڪندڙ ماڻهوءَ کي چيو ويندو ته) اي (نيڪيءَ تي) اطمينان ڪرڻ وارا نفس! |
| ارْجِعِيْٓ اِلٰى رَبِّكِ رَاضِيَةً مَّرْضِيَّةً ﴿٢٨﴾ | (٢٨) پنهنجي پاليندڙ ڏي موٽي هل. جو تون زندگيءَ ۾ ان کي راضي ڪيو ۽ هاڻي هو توکي راضي ڪندو. |
| فَادْخُلِيْ فِيْ عِبٰدِيْ ﴿٢٩﴾ | (٢٩) پوءِ (زندگيءَ ۾ به) منهنجن (مطمئن) ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ. |
| وَادْخُلِيْ جَنَّتِيْ ﴿٣٠﴾ | (٣٠) ۽ (آخرت ۾ به) منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ. |

## سورة البلد ـ مكي

| | |
|---|---|
| بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ | شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي. |

رڪوع 1

**انسان عيش ۽ آرام جي لاءِ ناهي آيو، بلڪ هي ته مشڪلاتن جي دنيا آهي.**

| | |
|---|---|
| لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿١﴾ | (١) هن شهر (مڪي) جو قسم آهي. |
| وَاَنْتَ حِلٌّۢ بِهٰذَا الْبَلَدِ ﴿٢﴾ | (٢) جو تون هن شهر ۾ (جدوجهد جي عملي زندگيءَ سان) رهندڙ آهين. |
| وَوَالِدٍ وَّمَا وَلَدَ ﴿٣﴾ | (٣) ۽ ڄڻيندڙ ۽ ڄڻيل (آدم ۽ سندس اولاد) جو (قسم آهي). |

لَقَدْ خَلَقْنَا الْإِنْسَانَ فِيْ كَبَدٍ ۝٤

(٤) تہ بيشڪ اسان انسان کي (وحي جي تابع رهي هڪ متوازن زندگي گذارڻ جي) مشقت ۾ (گذارڻ لاءِ) پيدا ڪيو آهي.

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّنْ يَّقْدِرَ عَلَيْهِ اَحَدٌ ۝٥

(٥) ڇا هو خيال ڪري ٿو تہ مٿس ڪا بہ قابض ۽ ضابطي واري قوت ناهي (جنهن جي قانونن جي اطاعت ڪيس ڪرڻ گهرجي.)

يَقُوْلُ اَهْلَكْتُ مَالًا لُّبَدًا ۝٦

(٦) چوي ٿو تہ مون (دنيا جي حياتيءَ ۾) مال جا ڍير لٽايا آهن.

اَيَحْسَبُ اَنْ لَّمْ يَرَهٗٓ اَحَدٌ ۝٧

(٧) ڇا هو خيال ڪري ٿو تہ (جن شين ۽ مصارفن تي هن ڍير لٽايا آهن) ان کي ڪنهن بہ نہ ڏٺو آهي.

اَلَمْ نَجْعَلْ لَّهٗ عَيْنَيْنِ ۝٨

(٨) ڇا (شين کي ڏسڻ جي تميز ۽ مشاهدي لاءِ) اسان سندس بہ اکيو (نہ جوڙيون آهن)!

وَلِسَانًا وَّ شَفَتَيْنِ ۝٩

(٩) ۽ (پڇڻ ٻڌائڻ يا شڪ شبها دور ڪرڻ لاءِ ڪيس) زبان ۽ ٻہ چپ نہ بنايا آهن!

وَهَدَيْنٰهُ النَّجْدَيْنِ ۝١٠

(١٠) ۽ اسان ان کي (وحي جي تعليم ذريعي چڱائيءَ برائيءَ جا) ٻہ شاهي رستا نہ ڏيکاري ڇڏيا آهن!

فَلَا اقْتَحَمَ الْعَقَبَةَ ۝١١

(١١) پوءِ بہ هو همت ڪري (ذاتي مفاد جي عيش پرستيءَ واري رستي کي ڇڏي انساني مفاد جي) سخت لڪ ۾ نہ گهڙيو.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْعَقَبَةُ ۝١٢

(١٢) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪهڙي خبر تہ سخت لڪ ڇا آهي. (جيڪو آهي تہ صبر آزماءِ پر انسان کي بلندين جي طرف وٺي وڃي ٿو.)

فَكُّ رَقَبَةٍ ۝١٣

(١٣) (ٻڌو اهو رستو هي آهي تہ) ٻانهن کي (غلامين مان) آزاد ڪرائڻو آهي، (جيئن هرهڪ ماڻهوءَ کي جسماني، ذهني ۽ قلبي آزادي هجي ۽ هو خدا کان سواءِ ڪنهن جي بہ ٻانهپ نہ هجي).

اَوْ اِطْعٰمٌ فِيْ يَوْمٍ ذِيْ مَسْغَبَةٍ ۝١٤

(١٤) يا بک جي ڏينهن ۾ کاڌو کارائڻو آهي.

يَّتِيْمًا ذَا مَقْرَبَةٍ ۝١٥

(١٥) مٽيءَ مائٽيءَ واري يتيم کي.

اَوْ مِسْكِيْنًا ذَا مَتْرَبَةٍ ۝١٦

(١٦) يا (توڙي) مٽيءَ هاڻن (سيني) مسڪينن کي.

ثُمَّ كَانَ مِنَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ وَتَوَاصَوْا بِالْمَرْحَمَةِ ۝١٧

(١٧) وري انهن ماڻهن مان ٿئي جن (الله جي پالڻهاريءَ وارن نوس قانونن تي) ايمان آندو ۽ هڪ ٻئي کي صبر ڪرڻ جي تلقين ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي رحم ڪرڻ جي وصيت ڪئي آهي.

اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْمَيْمَنَةِ ۝١٨

(١٨) اهي ئي سڀاڳا آهن، (جن کي هر قسم جون برڪتون حاصل ٿينديون).

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا هُمْ اَصْحٰبُ الْمَشْئَمَةِ ۝١٩

(١٩) ۽ جن اسان جي (پالڻھاريءَ وارين) آيتن جو انڪار ڪيو سي ئي نياڳا آهن. (۽ بي برڪتي انهن جي مقدر آهي).

عَلَيْهِمْ نَارٌ مُّؤْصَدَةٌ ۝٢٠

(٢٠) انهن تي (هن دنيا ۾ بہ ۽ آخرت ۾ بہ) باھ دميل هوندي.

## سورة الشمس —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**انسان کي چڱي ۽ بري جو الهامي علم مليو، ان هوندي بہ نبي موڪليا ويا.**

وَالشَّمْسِ وَضُحٰىهَا ۝١

(١) سج جو قسم آهي ۽ سندس (روشني پهچائڻ خاطر) مٿي چڙهڻ جو.

وَالْقَمَرِ اِذَا تَلٰىهَا ۝٢

(٢) ۽ چنڊ جو، جڏهن سج (کان روشني اوڌاري وٺڻ لاءِ ان) جي پنيان اچي ٿو.

وَالنَّهَارِ اِذَا جَلّٰىهَا ۝٣

(٣) ۽ ڏينهن جو جڏهن روشنيءَ کي ظاهر ڪري ٿو.

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰىهَا ۝٤

(٤) ۽ رات جو جڏهن (روشنيءَ) کي ڍڪي ٿي.

وَالسَّمَآءِ وَمَا بَنٰىهَا ۝٥

(٥) ۽ آسمان جو ۽ جنهن نموني ان کي (فضا جي بلندين سان) بنايو اٿس، تنهن جو،

وَالْاَرْضِ وَمَا طَحٰىهَا ۝٦

(٦) ۽ زمين جو ۽ جنهن نموني ان کي (گول هئڻ باوجود) وڇايو اٿس. تنهن جو،

وَنَفْسٍ وَّمَا سَوّٰىهَا ۝٧

(٧) ۽ نفس جو ۽ جنهن نموني ان کي (صلاحيت عطا ڪري) ٺيڪ ٺاڪ جوڙيو اٿس.

فَاَلْهَمَهَا فُجُوْرَهَا وَتَقْوٰىهَا ۝٨

(٨) پوءِ ان کي بدڪاري ۽ نيڪوڪاري جي سمجھ ڏني اٿس. تنهن جو (قسم).

قَدْ اَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝٩

(٩) (پوءِ ڪائنات ۽ انساني نفسن جون هي حقيقتون شاهد آهن تہ) تحقيق اهو مراد (۽ ڪامرانيءَ) کي پهچي ويو، جنهن (پنهنجي جسم جي بجاءِ پنهنجي شخصيت جي اوسر ڪري) نفس کي پاڪ ڪيو.

وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝١٠

(١٠) ۽ بيشڪ اهو بي مراد ٿيو، جنهن (مفاد پرستين جي بار هيٺان پاڻ کي دٻائي رکيو) ۽ نفس کي مٽيءَ ۾ لوٺاڙي ڇڏيو.

كَذَّبَتْ ثَمُوْدُ بِطَغْوٰىهَآ ۝١١

(١١) (انهيءَ حقيقت تي تاريخ جون شهادتون ڏسو) ثمود جي قوم (صالح عليہ السلام کي) ان وقت پنهنجي سرڪشيءَ جي ڪري ڪوڙو ڪيو.

اِذِ انْۢبَعَثَ اَشْقٰىهَا ۝١٢

(١٢) جڏهن سندس وڏو بدبخت آڪڙ ۾ اٿي پيو.

فَقَالَ لَهُمْ رَسُوْلُ اللّٰهِ نَاقَةَ اللّٰهِ وَسُقْيٰهَا ۝١٣

(١٣) پوءِ الله جي رسول(عليہ السلام) انهن کي چيو تہ الله جي ڏاچيءَ کي ۽ ان جي پاڻي کي آڏو نہ اچو.

فَكَذَّبُوْهُ فَعَقَرُوْهَا ۪ۙ فَدَمْدَمَ عَلَيْهِمْ رَبُّهُمْ بِذَنْۢبِهِمْ فَسَوّٰىهَا ۝۱۴

(١٤) پوءِ انهن کي ڪوڙو ڪيو، پوءِ ان (ڏاچيءَ) کي کهي وڌائون، پوءِ انهن کي سندن پالڻهار (الله جي پالڻهاريءَ جي مخالفت واري) گناهه جي ڪري برباد ڪيو. پوءِ ان (سزا) کي (قوم جي سڀني ماڻهن تي) برابر ڪري ڇڏيائين.

وَلَا يَخَافُ عُقْبٰهَا ۝۱۵

(١٥) ۽ الله کي ان (سزا) جي نتيجي کان ڊپ نه ٿو.

## سورة اليل ـ مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جيڪي سمجهه کان ڪم وٺڻ بجاءِ انڌي تقليد ڪن ٿا، آهستي آهستي انهن جي مت مري وڃي ٿي.**

وَالَّيْلِ اِذَا يَغْشٰى ۝۱

(١) (ڪائنات جي ٻن متضاد شين مان) رات جو قسم آهي، جڏهن (ان جي اونده سڀني شين کي) ڍڪي ٿي.

وَالنَّهَارِ اِذَا تَجَلّٰى ۝۲

(٢) ۽ ڏينهن جو جڏهن (ان جو سوجهرو سڀني شين کي) ظاهر ڪري ٿو.

وَمَا خَلَقَ الذَّكَرَ وَالْاُنْثٰٓى ۝۳

(٣) ۽ نر ماديءَ کي جو (الڳ طبعي رجحانن سان) پيدا ڪيو اٿس (تنهن جو قسم).

اِنَّ سَعْيَكُمْ لَشَتّٰى ۝۴

(٤) ته اوهان جون ڪوششون (به ائين الڳ رخن ۾ ٿينديون ۽) مختلف آهن.

فَاَمَّا مَنْ اَعْطٰى وَاتَّقٰى ۝۵

(٥) (انهيءَ فرق جي باوجود به رات ۽ ڏينهن ۽ نر ۽ مادي هڪ ٻئي لاءِ مفيد بڻجن ٿا) پوءِ جنهن شخص (سڀني انسانن کي الله جو ڪٽنب ڄاڻي انهن ۾) پنهنجي ڪمائي ورهائي ۽ الله کان ڊنو.

وَصَدَّقَ بِالْحُسْنٰى ۝۶

(٦) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي نيابت واري) تمام چڱي ڳالهه کي سچو سمجهيو.

فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْيُسْرٰى ۝۷

(٧) ته ان کي (انهيءَ چڱي ڳالهه لاءِ) تمام آسان رستي (تي هلڻ) جي توفيق ڏينداسون.

وَاَمَّا مَنْۢ بَخِلَ وَاسْتَغْنٰى ۝۸

(٨) ۽ جنهن شخص بخيليءَ جي وات ورتي ۽ بي پرواهي ڪئي.

وَكَذَّبَ بِالْحُسْنٰى ۝۹

(٩) ۽ (هن دنيا ۾ الله جي نيابت واري) تمام چڱي ڳالهه کي ڪوڙو ڪيو.

فَسَنُيَسِّرُهٗ لِلْعُسْرٰى ۝۱۰

(١٠) ته ان کي (پنهنجي گرفت واري قانون سان) تمام مشڪل رستي تي لڳائي ڇڏينداسون.

وَمَا يُغْنِيْ عَنْهُ مَالُهٗٓ اِذَا تَرَدّٰى ۝۱۱

(١١) ۽ سندس مال ان کي ڪم نه ايندو، جڏهن هو (تباهين جي) کڏ ۾ ڪرندو.

اِنَّ عَلَيْنَا لَلْهُدٰى ۝۱۲

(١٢) (ان ڪري جو هن ذاتي مفاد جو اهو رستو رڳو پنهنجي سوچ تي

هلي اختيار ڪيو هو) بيشڪ (وحي جي ذريعي انساني ڪامراني ۽ فلاح جو) رستو ڏيکارڻ اسان تي (اسان جي ذمي) آهي.

وَ اِنَّ لَنَا لَلْاٰخِرَةَ وَ الْاُوْلٰى ﴿١٣﴾

(١٣) ۽ بيشڪ (ان وات تي) آخرت ۽ دنيا (جون ڀلايون) اسان جي اختيار ۾ آهن.

فَاَنْذَرْتُكُمْ نَارًا تَلَظّٰى ﴿١٤﴾

(١٤) تنهن ڪري مون اوهان کي (تباهين جي) اهڙي باهه کان ڊيڄاريو آهي، جا ڀڙڪندڙ آهي.

لَا يَصْلٰىهَآ اِلَّا الْاَشْقَى ﴿١٥﴾

(١٥) جنهن ۾ اهڙي نياڳي کان سواءِ ٻيو ڪو داخل نه ٿيندو.

الَّذِىْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ﴿١٦﴾

(١٦) جنهن (حقن پوري ڪرڻ واري اسان جي قانونن کي) ڪوڙو ڪيو ۽ (انهن تي عمل کان) منهن موڙيو.

وَ سَيُجَنَّبُهَا الْاَتْقَى ﴿١٧﴾

(١٧) ۽ ان (تباهيءَ) کان (اسان جي قانونن جي پاسداري لاءِ) پنهنجي نگهباني ڪندڙ شخص کي بچايو ويندو.

الَّذِىْ يُؤْتِىْ مَالَهٗ يَتَزَكّٰى ﴿١٨﴾

(١٨) جنهن (ضرورت پوڻ تي رضا خوشيءَ سان) پنهنجو (سڀ ڪجهه) مال (انسان ذات جي ڀلائيءَ لاءِ) ڏئي پاڻ سنواريو.

وَ مَا لِاَحَدٍ عِنْدَهٗ مِنْ نِّعْمَةٍ تُجْزٰٓى ﴿١٩﴾

(١٩) ۽ مٿس ڪنهن جو اهڙو احسان به نه آهي، جنهن جو بدلو ڏئي ٿو.

اِلَّا ابْتِغَآءَ وَجْهِ رَبِّهِ الْاَعْلٰى ﴿٢٠﴾

(٢٠) پر پنهنجي مٿاهين پالڻهار جي رضامندي حاصل ڪرڻ لاءِ (ڏئي ٿو).

وَ لَسَوْفَ يَرْضٰى ﴿٢١﴾

(٢١) ۽ ان شخص کي اها رضامندي ضرور پلئه پوندي.

## سورة الضحىٰ—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**يتيم تي مٿان سختي ڪرڻ ۽ سوالي کي مٿان جهڙڪڻ.**

وَ الضُّحٰى ﴿١﴾

(١) (اي پيغمبر! تنهنجو انقلاب ضرور ڪاميابيون ماڻيندو، ان لاءِ فڪرمند نه ٿيءُ، رات کان پوءِ ڏينهن لازم ايندو پوءِ) سج چڙهڻ جي وقت جو قسم آهي،

وَ الَّيْلِ اِذَا سَجٰى ﴿٢﴾

(٢) ۽ رات جو جنهن وقت (سيني شين کي) ڍڪي ٿي.

مَا وَدَّعَكَ رَبُّكَ وَ مَا قَلٰى ﴿٣﴾

(٣) ته تنهنجي پاليندڙ توکي نه ڇڏيو آهي ۽ نه بيزار ٿيو آهي. (پوءِ ڪڏهن وحي جي تاخير ٿيڻ مان ڪافرن جو اهڙو نتيجو ڪيڻ غلط آهي.)

وَ لَلْاٰخِرَةُ خَيْرٌ لَّكَ مِنَ الْاُوْلٰى ﴿٤﴾

(٤) ۽ بيشڪ پوئين (خبر ۽ ڪامرانين واري) حالت تو لاءِ پهرين (تڪليفن واري) حالت کان گهڻي چڱي آهي.

وَ لَسَوْفَ يُعْطِيْكَ رَبُّكَ فَتَرْضٰى ۝٥

(٥) ۽ توکي ضرور تنهنجو پاليندڙ (فتحيابي) ڏيندو، پوءِ تون (ان ڪاميابيءَ تي) مسرور ٿيندين.

اَلَمْ يَجِدْكَ يَتِيْمًا فَاٰوٰى ۝٦

(٦) (تون پنهنجي زندگيءَ ڪي ڏس تہ) ڇا توکي (تنهنجي پالڻهار) يتيم نہ پاتو، پوءِ (توکي حفاظت ۽ سنڀال لاءِ) جاءِ ڏنائين.

وَوَجَدَكَ ضَآلًّا فَهَدٰى ۝٧

(٧) ۽ توکي (حقيقت جي) رستي جو ڳولائو ڏسي پوءِ (وحي جي ذريعي سڌو) رستو ڏيکاريائين.

وَوَجَدَكَ عَآئِلًا فَاَغْنٰى ۝٨

(٨) ۽ توکي ضرورتمند ڏسي پوءِ ايترو ڏنائين جو تون ڪنهن مدد جو محتاج نہ رهين.

فَاَمَّا الْيَتِيْمَ فَلَا تَقْهَرْ ۝٩

(٩) (پوءِ جيئن تنهنجي يتيم ذات جي سنڀال ٿي تيئن تنهنجو نظام بہ يتيم جي سنڀال ڪري) پوءِ يتيم تي متان ڏکيائيون ڪرين.

وَ اَمَّا السَّآئِلَ فَلَا تَنْهَرْ ۝١٠

(١٠) ۽ (تنهنجو ساڳيو نظام ضرورتمندن جي ڪفيل هجي) پوءِ سوالي کي متان جهڻڪين.

وَ اَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ ۝١١

(١١) ۽ پنهنجي پالیندڙ جي نعمتن کي پيو بيان ڪر (انهن نعمتن کي خدائي عطيو سمجهي ٻين تي بہ اهي نعمتون ڪم آڻيندو رهہ).

## سورة الانشراح —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**ڇا اسان تو لاءِ تنهنجو سينو ڪشادو نہ ڪيو، بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي.**

اَلَمْ نَشْرَحْ لَكَ صَدْرَكَ ۝١

(١) (اي پيغمبر!) ڇا اسان تو لاءِ (پنهنجي وحي ذريعي زندگيءَ جون سڀ راهون روشن ڪري) تنهنجو سينو ڪشادو نہ ڪيو.

وَوَضَعْنَا عَنْكَ وِزْرَكَ ۝٢

(٢) ۽ اسان توتان (ابتدائي مرحلن ۾ آيل سختيءَ جو) اهو بار لاٿو، (۽ تنهنجي ساٿين جي هڪ جماعت تيار ٿي.)

الَّذِيْٓ اَنْقَضَ ظَهْرَكَ ۝٣

(٣) جنهن (بار) تنهنجي پٺ کي ڳرو ڪيو هو.

وَرَفَعْنَا لَكَ ذِكْرَكَ ۝٤

(٤) ۽ اسان تو لاءِ (پنهنجي موڪليل پروگرام جي عظمت سان) تنهنجي تعريف بلند ڪئي.

فَاِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝٥

(٥) پوءِ (انهن عارضي تڪليفن کان بد دل نہ ٿيءُ) بيشڪ ڏک سان گڏ سک آهي.

اِنَّ مَعَ الْعُسْرِ يُسْرًا ۝٦

(٦) بيشڪ ڏک سان گڏ سک ئي آهي.

فَاِذَا فَرَغْتَ فَانْصَبْ ﴿٧﴾

(٧) پوءِ جڏهن (بہ) تون (هدايت جي پروگرام مان) واندو ٿئين تہ (پالڻهار جي عبادت لاءِ) محنت ڪر.

وَاِلٰى رَبِّكَ فَارْغَبْ ﴿٨﴾

(٨) ۽ پنهنجي پالڻهار (جي ذڪر ۽ فڪر سان) دل لڳاءِ.

**سورة التين —مکي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**بيشڪ انسان تمام سهڻي فطرت تي تخليق ڪيل آهي، پوءِ هو پاڻ کي هيٺاهينءَ تي بہ وٺي وڃي ٿو تہ، مٿاهينءَ تي بہ.**

وَالتِّيْنِ وَالزَّيْتُوْنِ ﴿١﴾

(١) انجير ۽ زيتون (جي سر زمين) جو قسم!

وَطُوْرِ سِيْنِيْنَ ﴿٢﴾

(٢) ۽ طور سينا. (جبل ۽ واديءَ جو قسم)!

وَهٰذَا الْبَلَدِ الْاَمِيْنِ ﴿٣﴾

(٣) پڙهہ (جو وحي جي تعليم انسانذات جو سمورو سرشتو سڌاري هلڻ جي ڪفيل آهي) تنهنجو پاليندڙ وڏو سخي آهي. (۽ ان انساني اوسر جا سامان فراوانيءَ سان بنايا آهن، انسان رڳو ان طرف متوجہ ٿئي).

لَقَدْ خَلَقْنَا الْاِنْسَانَ فِيْٓ اَحْسَنِ تَقْوِيْمٍ ﴿٤﴾

(٤) جنهن قلم سان (مفيد شين جو لکڻ) سيکاريو آهي.

ثُمَّ رَدَدْنٰهُ اَسْفَلَ سٰفِلِيْنَ ﴿٥﴾

(٥) انسان کي (زندگيءَ جون سهولتون پسڻ لاءِ) اهو ڪجهہ سيکاريائين، جنهن کي نہ ڄاڻندو هو.

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ فَلَهُمْ اَجْرٌ غَيْرُ مَمْنُوْنٍ ﴿٦﴾

(٦) خبردار ٿي بيشڪ انسان (انهن سهولتن کي عياشيءَ جي حدن تي آڻي ماڻهپي جي) حد کان لنگهي وڃي ٿو.

فَمَا يُكَذِّبُكَ بَعْدُ بِالدِّيْنِ ﴿٧﴾

(٧) هن ڪري جو هو پاڻ کي (وحي جي رهنمائيءَ کان) بي پرواهہ سمجهي ٿو.

اَلَيْسَ اللّٰهُ بِاَحْكَمِ الْحٰكِمِيْنَ ﴿٨﴾

(٨) (اي پيغمبر پلي هو ڪيتري بہ هيڄ ۽ سرڪشيءَ ڪري) بيشڪ (آخرڪار ڪيس) تنهنجي رب ڏي ئي موٽي وڃڻو آهي.

**سورة العلق —مکي**

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**اسان انسان کي اهو سڀ ڪجهہ سيکاريو جيڪي ڪيس نہ پئي آيو.**

اِقْرَاْ بِاسْمِ رَبِّكَ الَّذِيْ خَلَقَ ﴿١﴾

(١) (اي پيغمبر!) تون پنهنجي پالڻهار جي نالي سان پڙهہ جنهن پيدا ڪيو آهي. (۽ پيدا ڪري اوسر جا سامان بہ عطا ڪيا اٿس).

خَلَقَ الْاِنْسَانَ مِنْ عَلَقٍ ﴿٢﴾

(٢) انسان کي رت جي دڳ مان بنايو اٿس (پوءِ انسان جي جسم ۾ سڌريل سرشتي سان رت کي گردش ڪرايو اٿس.)

| | |
|---|---|
| اِقْرَاْ وَ رَبُّكَ الْاَكْرَمُ ۙ﴿۳﴾ | (٣) پڑھ (جو وحي جي تعليم انسان ذات جو سمورو سرشتو سذاري هلڻ جي ڪفيل آهي) تنهنجو پاليندڙ وڏو سخي آهي. (۽ ان انساني اوسر جا سامان فراوانيءَ سان بڻايا آهن انسان رڳو ان طرف متوجه ٿئي). |
| الَّذِيْ عَلَّمَ بِالْقَلَمِ ۙ﴿۴﴾ | (٤) جنهن قلم سان (مفيد شين جو لکڻ) سيکاريو آهي. |
| عَلَّمَ الْاِنْسَانَ مَا لَمْ يَعْلَمْ ؕ﴿۵﴾ | (٥) انسان کي (زندگيءَ جون سهولتون پسڻ لاءِ) اهو ڪجهه سيکاريائين جنهن کي نہ ڄاڻندو هو. |
| كَلَّاۤ اِنَّ الْاِنْسَانَ لَيَطْغٰۤى ۙ﴿۶﴾ | (٦) خبردار ٿي بيشڪ انسان (انهن سهولتن کي عياشيءَ جي حدن تي آڻي ماڻهپي جي) حد کان لنگهي وڃي ٿو. |
| اَنْ رَّاٰهُ اسْتَغْنٰى ؕ﴿۷﴾ | (٧) هنڪري جو هو پاڻ کي (وحي جي رهنمائي کان) بي پرواهہ سمجهي ٿو |
| اِنَّ اِلٰى رَبِّكَ الرُّجْعٰى ؕ﴿۸﴾ | (٨) (اي پيغمبر پلي هو ڪيتري بہ هبچ ۽ سرڪشي ڪري) بيشڪ (آخرڪار ڪيس) تنهنجي رب ڏي ئي موٽي وڃڻو آهي. |
| اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يَنْهٰى ۙ﴿۹﴾ | (٩) ڀلا ان شخص جو حال ٻڌاءِ تہ جو (الله جي) |
| عَبْدًا اِذَا صَلّٰى ؕ﴿۱۰﴾ | (١٠) ٻانهي کي سندس (اطاعت ڪرڻ ۽) نماز پڑهڻ جي وقت روڪي ٿو. |
| اَرَءَيْتَ اِنْ كَانَ عَلَى الْهُدٰۤى ۙ﴿۱۱﴾ | (١١) ڀلا ٻڌاءِ تہ اهو (الله جو ٻانهو) جيڪڏهن سڌي رستي تي هوندو. |
| اَوْ اَمَرَ بِالتَّقْوٰى ؕ﴿۱۲﴾ | (١٢) يا (ٻين کي بہ ان) نيڪوڪاريءَ جو حڪم ڪندو. (تہ ان کي روڪڻ نهي ٿو؟) |
| اَرَءَيْتَ اِنْ كَذَّبَ وَ تَوَلّٰى ؕ﴿۱۳﴾ | (١٣) ڀلا ٻڌاءِ تہ (الله جي عبادت ۽ نيڪوڪاريءَ کان روڪڻ وارو) جيڪڏهن (حق کي) ڪوڙو (ڪرڻ جي پروپگنده) ڪندو وتي ۽ پاڻ بہ منهن موڙي. (ائين ڪرڻ ان کي جڳائي ٿو؟) |
| اَلَمْ يَعْلَمْ بِاَنَّ اللّٰهَ يَرٰى ؕ﴿۱۴﴾ | (١٤) تہ ڇا هن نہ ڄاتو تہ الله (جو مڪافات وارو قانون سندس سيني حرڪتن کي) ڏسي ٿو. |
| كَلَّا لَئِنْ لَّمْ يَنْتَهِ ۙ۬ لَنَسْفَعًۢا بِالنَّاصِيَةِ ۙ﴿۱۵﴾ | (١٥) پڪ ڄاڻي وٺ تہ جيڪڏهن (پنهنجي فتني باز حرڪتن کان) نہ رڪيو تہ، ضرور ان کي مٿي جي وارن کان (جهلي) گهليندا سون. |
| نَاصِيَةٍ كَاذِبَةٍ خَاطِئَةٍ ۚ﴿۱۶﴾ | (١٦) جيڪو مٿو (الله جي قانونن کي) ڪوڙو ڪندڙ ۽ خطاڪار آهي. |
| فَلْيَدْعُ نَادِيَهٗ ۙ﴿۱۷﴾ | (١٧) پوءِ ڀلي تہ پنهنجي ڪچهريءَ وارن (حامين) کي سڏي. |
| سَنَدْعُ الزَّبَانِيَةَ ۙ﴿۱۸﴾ | (١٨) اسين بہ پنهنجي سپاهين (يعني سخت عذاب ڪندڙ ملائڪن) کي سڏيندا سون. |

كَلَّا ۭ لَا تُطِعْهُ وَاسْجُدْ وَاقْتَرِبْ ۝١٩

(١٩) خبردار (اي رسول انهن سان ڪابه مفاهمت ٿيڻي ناهي) متان انهن جو چيو مڃين ۽ تون (پالڻهار جو) سجدو ڏي ۽ (الله جي) ويجهڙائي حاصل ڪندو وڃ.

## سورة القدر—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**بيشڪ اسان قرآن کي ليلة القدر ۾ نازل ڪيو آهي.**

اِنَّآ اَنْزَلْنٰهُ فِيْ لَيْلَةِ الْقَدْرِ ۝١

(١) بيشڪ اسان هن (قرآن) کي قدر جي رات ۾ لاٿو آهي، (جيڪڏهن دنيا وحي جي روشنيءَ کان محروم ٿي هوش وڃائي ويٺي هئي).

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا لَيْلَةُ الْقَدْرِ ۝٢

(٢) ۽ (اي پيغمبر!) توکي ڪهڙي خبر ته قدر جي رات ڇا آهي.

لَيْلَةُ الْقَدْرِ ڏ خَيْرٌ مِّنْ اَلْفِ شَهْرٍ ۝٣

(٣) قدر جي اها رات هزار مهينن کان گهڻو چڱي آهي.

تَنَزَّلُ الْمَلٰۗىِٕكَةُ وَالرُّوْحُ فِيْهَا بِاِذْنِ رَبِّهِمْ ۚ مِنْ كُلِّ اَمْرٍ ۝٤

(٤) سڀئي ملائڪ ۽ روح (حضرت جبرائيل) سندن پالڻهار جي حڪم سان ان رات ۾ سڀڪنهن سپرد ڪيل ڪم (جي پوري ڪرڻ) لاءِ لهن ٿا.

سَلٰمٌ ڗ هِيَ حَتّٰى مَطْلَعِ الْفَجْرِ ۝٥

(٥) اها (رات) پره ڦٽيءَ تائين (ساڳي صفت ۽ برڪت سان سراسر) سلامتي واري آهي.

## سورة البينه—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**دنيا جا ماڻهو ڪفر جي اهڙ حالت ۾ آهن جو رسالت کان سواءِ سڌارو ممڪن ناهي.**

لَمْ يَكُنِ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَالْمُشْرِكِيْنَ مُنْفَكِّيْنَ حَتّٰى تَاْتِيَهُمُ الْبَيِّنَةُ ۝١

(١) اهل ڪتاب ۽ (مڪي جي) مشرڪن مان جن ڪفر ڪيو سي ايستائين (پنهنجي اڳين خود ساخته مذهبي طريقن کان) خلاصا نه ٿي پئي سگهيا، جيستائين انهن وٽ (قرآن جي صورت ۾) ظاهر دليل نه اچي.

رَسُوْلٌ مِّنَ اللّٰهِ يَتْلُوْا صُحُفًا مُّطَهَّرَةً ۝٢

(٢) (قرآن جنهن تي نازل ٿيو آهي، اهو) الله جي طرفان اهڙو رسول آهي جو (انهن کي هر قسم جي نقصن کان) پاڪ سورةون پڙهي ٻڌائي ٿو.

فِيْهَا كُتُبٌ قَيِّمَةٌ ۝٣

(٣) جن ۾ (نه تبديل ٿيندڙ ۽ زندگيءَ جا مستقل) سڌا سنوان حڪم (۽ اصول) لکيل آهن.

وَمَا تَفَرَّقَ الَّذِيْنَ اُوْتُوا الْكِتٰبَ اِلَّا مِنْۢ بَعْدِ مَا جَاۗءَتْهُمُ الْبَيِّنَةُ ۝٤

(٤) ۽ جيڪي اهل ڪتاب هئا، تن واضح دليل اچڻ کان پوءِ (گهرجي ها ته قرآن تي ايمان آڻي انساني وحدت جي راهه هموار ڪن ها، پر انهن الٽو) فرقي بازي ڪري ورتي.

وَمَآ اُمِرُوْٓا اِلَّا لِيَعْبُدُوا اللّٰهَ مُخْلِصِيْنَ لَهُ الدِّيْنَ ۙ حُنَفَآءَ وَ يُقِيْمُوا الصَّلٰوةَ وَ يُؤْتُوا الزَّكٰوةَ وَ ذٰلِكَ دِيْنُ الْقَيِّمَةِ ۝۵

(٥) حالانڪ انهن کي (قرآن ۽ اڳين آسماني ڪتابن جي ذريعي) رڳو هن ڳالھ جو حڪم ڪيو ويو آهي تہ اهي الله جي عبادت ۽ اطاعت ۾ اچن. ان لاءِ عبادت کي خالص ۽ خاص ڪري (ابراهيم جي دين حنفي واري) رسي تي جمع ٿين، ۽ نماز قائم ڪن ۽ زڪوات ڏين ۽ اهوئي (انسانيت جي ترقي ۽ فلاح جو) سڌو سنئون دين آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا مِنْ اَهْلِ الْكِتٰبِ وَ الْمُشْرِكِيْنَ فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا ؕ اُولٰٓئِكَ هُمْ شَرُّ الْبَرِيَّةِ ۝۶

(٦) بيشڪ (اهڙي چٽي حقيقت جي باوجود بہ) جن اهل ڪتاب ۽ مشرڪن مان ڪفر ڪيو (تباهيون انهن جو مقدر آهن) سي دوزخ جي باھ ۾ پوندا، ان ۾ سدائين پيا رهندا. اهي ئي (انساني وحدت جا ٽوڙيندڙ عناصر) سڀني خلق کان تمام بڇڙا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَ عَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ ۙ اُولٰٓئِكَ هُمْ خَيْرُ الْبَرِيَّةِ ۝۷

(٧) بيشڪ جن (الله جي قانونن تي) ايمان آندو ۽ (ان مطابق) چڱا ڪم ڪيا سي ئي سڀني خلق ۾ نسورو چڱا آهن.

جَزَآؤُهُمْ عِنْدَ رَبِّهِمْ جَنّٰتُ عَدْنٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَآ اَبَدًا ؕ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَ رَضُوْا عَنْهُ ؕ ذٰلِكَ لِمَنْ خَشِيَ رَبَّهٗ ۝۸

(٨) انهن جو بدلو سندن پاليندڙ وٽ رهڻ جا باغ آهن، جن جي هيٺان (مختلف مشروبن جا) واھ وهن ٿا. انهن ۾ هميشہ رهندا. الله انهن کان (پنهنجي قانون تي هلڻ جي ادا ڪان) راضي ٿيو ۽ اهي ان کان (واعدو ڪيل پلو صلو ملڻ تي سرها ۽) راضي ٿيا. اهو (واعدو) ان لاءِ آهي جو (جنهن جي دل تي) پنهنجي پاليندڙ (جي عظمت) جو خوف طاري ٿيو.

## سورة الزلزال —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**قيامت ڏينهن عملن جي محاسبي جو احوال.**

اِذَا زُلْزِلَتِ الْاَرْضُ زِلْزَالَهَا ۝۱

(١) جڏهن زمين زور سان ڌوڏي ويندي،

وَ اَخْرَجَتِ الْاَرْضُ اَثْقَالَهَا ۝۲

(٢) ۽ زمين پنهنجا ڳرا بار (خزانا يا مردا وغيره) ٻاهر ڪيندي،

وَ قَالَ الْاِنْسَانُ مَا لَهَا ۝۳

(٣) ماڻهو چوندو تہ ان کي ڇا ٿيو آهي.

يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ اَخْبَارَهَا ۝۴

(٤) ان ڏينهن اها پنهنجيون سڀ خبرون ٻڌائيندي.

بِاَنَّ رَبَّكَ اَوْحٰى لَهَا ۝۵

(٥) هن ڪري تہ (اي پيغمبر) تنهنجي پاليندڙ ان کي (ائين ڪرڻ جو) حڪم ڪيو هوندو.

يَوْمَئِذٍ يَّصْدُرُ النَّاسُ اَشْتَاتًا ۙ لِّيُرَوْا اَعْمَالَهُمْ ۝۶

(٦) ان ڏينهن ماڻهو (حساب جي جاءِ کان) جدا جدا حالتن ۾ ٿي موٽندا تہ انهن کي سندن عملن جا نتيجا ڏيکارجن.

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ ۝٧

(٧) پوءِ جيڪو شخص (دنيا ۾) ذري جيتري ڀلائي ڪندو ته ان کي ڀَسندو.

وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ۝٨

(٨) ۽ جيڪو شخص (دنيا ۾) ذري جيتري بڇڙائي ڪندو ته ان کي ڀَسندو.

## سورة العاديات — مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**بيشڪ انسان پنهنجي پالڻهار جو وڏو بي شڪر آهي.**

وَالْعٰدِيٰتِ ضَبْحًا ۝١

(١) (حملو ڪندڙن جي) هانبارو هڻي ڊوڙندڙن (گهوڙن) جو پريشان حال (ڊوڙڻ شاهد آهي).

فَالْمُوْرِيٰتِ قَدْحًا ۝٢

(٢) پوءِ چڻنگن ڪيندڙن جو (جيڪي پٿرن تي نعلن هڻڻ سان نڪرنديون آهن).

فَالْمُغِيْرٰتِ صُبْحًا ۝٣

(٣) صبح جي وقت (سوير ننڊ جي غلبي وقت) لٽ ڪندڙن جو.

فَاَثَرْنَ بِهٖ نَقْعًا ۝٤

(٤) پوءِ ان وقت (ڊوڙڻ سببان) رئي اٿاريندڙن جو.

فَوَسَطْنَ بِهٖ جَمْعًا ۝٥

(٥) پوءِ ان گهڙيءَ (ستلن جي) ٽولي جي وچ ۾ اچي پوندڙن جو.

اِنَّ الْاِنْسَانَ لِرَبِّهٖ لَكَنُوْدٌ ۝٦

(٦) (انسان جي معمولي خدمت جي عيوض گهوڙن جي، ان لاءِ ايڏي قرباني شاهد آهي ته) بيشڪ انسان پنهنجي پالڻهار جو وڏو بي شڪر آهي. (جو معمولي دولت جي هوس ۾ پنهنجي مالڪ جا ضابطا ٽوڙي ٿو).

وَاِنَّهٗ عَلٰى ذٰلِكَ لَشَهِيْدٌ ۝٧

(٧) ۽ بيشڪ هو انهيءَ (عمل سان پنهنجي ناشڪري واري حالت) تي پاڻ به شاهد آهي.

وَاِنَّهٗ لِحُبِّ الْخَيْرِ لَشَدِيْدٌ ۝٨

(٨) ۽ بيشڪ هو مال جي محبت ۾ (انتو ٿيل) آهي (جو ڪمايل ۽ ڦٻايل جي مال کي پنهنجو سڀ ڪجهه سمجهي ٿو).

اَفَلَا يَعْلَمُ اِذَا بُعْثِرَ مَا فِي الْقُبُوْرِ ۝٩

(٩) ڇا پوءِ هو ان وقت کي نٿو ڄاڻي، جڏهن (حساب ڪتاب لاءِ) انهن کي اٿاربو، جيڪي قبرن ۾ آهن.

وَحُصِّلَ مَا فِي الصُّدُوْرِ ۝١٠

(١٠) ۽ جيڪي سينن ۾ (مال جي محبت ۽ هوس کي مجبورين جا بهانا بنائڻ واري سندن ترڪتالي) آهي، تنهن کي پڌرو ڪبو.

اِنَّ رَبَّهُمْ بِهِمْ يَوْمَئِذٍ لَّخَبِيْرٌ ۝١١

(١١) بيشڪ سندن پالڻهار انهن جي سموري حال کان ان ڏينهن پورو واقف هوندو.

## سورة القارعہ – مکي

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**عملن جي جزا ۽ سزا جو هڪ نقشو.**

اَلۡقَارِعَۃُ ۙ﴿۱﴾

(۱) (اها کڙڪيدار دلين کي) کڙڪائيندڙ.

مَا الۡقَارِعَۃُ ۚ﴿۲﴾

(۲) (اها) کڙڪائيندڙ ڇا آهي؟

وَ مَاۤ اَدۡرٰىکَ مَا الۡقَارِعَۃُ ؕ﴿۳﴾

(۳) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ (اها) کڙڪائيندڙ ڇا آهي؟

یَوۡمَ یَکُوۡنُ النَّاسُ کَالۡفَرَاشِ الۡمَبۡثُوۡثِ ۙ﴿۴﴾

(٤) جنهن ڏينهن ماڻهو پکڙيلن پتنگن وانگر ٿيندا.

وَ تَکُوۡنُ الۡجِبَالُ کَالۡعِہۡنِ الۡمَنۡفُوۡشِ ؕ﴿۵﴾

(۵) ۽ جبل رنگارنگي پڃيل اُن جهڙا ٿيندا (جيڪي هوا ۾ اڏامندا).

فَاَمَّا مَنۡ ثَقُلَتۡ مَوَازِیۡنُہٗ ۙ﴿۶﴾

(٦) (ان وقت حساب ڪتاب ٿيندو) پوءِ جنهن جا (دنيا ۾ ڪيل نيڪوڪارين وارا) عمل ڳرا ٿيندا.

فَہُوَ فِیۡ عِیۡشَۃٍ رَّاضِیَۃٍ ؕ﴿۷﴾

(۷) سو (پنهنجي مرضيءَ تي) پسند ڪيل آرام ۾ هوندو.

وَ اَمَّا مَنۡ خَفَّتۡ مَوَازِیۡنُہٗ ۙ﴿۸﴾

(۸) ۽ جنهن جا عمل هلڪا ٿيندا.

فَاُمُّہٗ ہَاوِیَۃٌ ؕ﴿۹﴾

(۹) تنهن جي رهڻ جي جاءِ هاويہ ٿيندي.

وَ مَاۤ اَدۡرٰىکَ مَا ہِیَہۡ ؕ﴿۱۰﴾

(۱۰) ۽ (اي پيغمبر!) تو کي ڪهڙي خبر تہ هاويہ ڇا آهي؟

نَارٌ حَامِیَۃٌ ﴿۱۱﴾

(۱۱) (اها پڙڪندڙ) تمام گرم باهہ آهي.

## سورة التکاثر – مکي

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**حرص، غفلت ۽ دنيا پرستيءَ جو انجام.**

اَلۡہٰکُمُ التَّکَاثُرُ ۙ﴿۱﴾

(۱) اوهان کي (دولت، معتبرائپ ۽ منصب ۾) واڌاري جي حرص (۽ هڪ ٻئي کان اڳ ڪڍڻ جي هوس) غافل ڪيو. (جو اوهان انسانيت جي صحيح منزل مقصود کان بہ ڀٽڪي ويؤ).

حَتّٰی زُرۡتُمُ الۡمَقَابِرَ ؕ﴿۲﴾

(۲) (اوهان پنهنجي طلب کي پنهنجي بنيادي ضرورتن موجب رکڻ بجاءِ هوس وڌائيندا رهيؤ) تان جو وڃي قبرن کي پهتؤ (يعني مري ويئو).

کَلَّا سَوۡفَ تَعۡلَمُوۡنَ ۙ﴿۳﴾

(۳) (زندگي رڳو) ائين نہ آهي، (جيڪڏهن عقل ۽ فهم کان ڪم وٺو تہ ان روش جي بڇڙاين ۽ تباهہ ڪارين کي) اوهين جاڻي وٺندؤ.

ثُمَّ كَلَّا سَوْفَ تَعْلَمُوْنَ ۝٤

(٤) وري (چئون ٿا تہ زندگي) ائين نہ آهي، اوهين (ان روش جي تباهہ ڪارين کي جلد ئي) ڄاڻي وٺندؤ.

كَلَّا لَوْ تَعْلَمُوْنَ عِلْمَ الْيَقِيْنِ ۝٥

(٥) پڪ سان ائين نہ آهي، جيڪڏهن (اوهان بہ) يقيني طرح (گهرائيءَ ۾ وڃي غور ڪرڻ) سان ڄاڻو ها (تہ غافل نہ ٿيو ها).

لَتَرَوُنَّ الْجَحِيْمَ ۝٦

(٦) (پوءِ) قسم سان (قيامت ۾) دوزخ کي ضرور ڏسندؤ.

ثُمَّ لَتَرَوُنَّهَا عَيْنَ الْيَقِيْنِ ۝٧

(٧) وري ان ڏينهن (دوزخ ۾ داخل ٿي) ان کي يقيني طرح سان ڏسندؤ.

ثُمَّ لَتُسْئَلُنَّ يَوْمَئِذٍ عَنِ النَّعِيْمِ ۝٨

(٨) وري ان ڏينهن (خدا جي طرفان اوهان کي عطا ڪيل سيني) نعمتن بابت اوهان کان پڇبو (تہ انهن کي اوهان پنهنجي هوس جي تسڪين لاءِ ڇو استعمال ڪيو.)

### سورة العصر –مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**ڪامياب ماڻهن ۽ ڪامياب سماجن لاءِ چار سونهري اصول**

وَالْعَصْرِ ۝١

(١) زماني جو (هر) دور شاهد آهي،

اِنَّ الْاِنْسَانَ لَفِيْ خُسْرٍ ۝٢

(٢) تہ بيشڪ انسان (فرد جي حيثيت ۾ توڙي جماعت جي حيثيت ۾ پنهنجي مقصدن ماڻڻ ۾) وڏي نقصان ۾ رهيو آهي.

اِلَّا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ وَتَوَاصَوْا بِالْحَقِّ ۙ وَتَوَاصَوْا بِالصَّبْرِ ۝٣

(٣) پر انهن ماڻهن کان سواءِ جن (خدا جي عطا ڪيل حياتيءَ جي طريقي کي مڃي) ايمان آندو ۽ (پوءِ ان طريقي مطابق) چڱا ڪم ڪيا ۽ هڪ ٻئي کي حق (جي واٽ اختيار ڪرڻ) جي نصيحت ڪئي ۽ هڪ ٻئي کي (ان واٽ تي) ثابت قدم رهڻ جي نصيحت ڪئي.

### سورة الهمزه_ مکي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رکوع 1

**گلاخور، ٽوڪ هڻندڙ ۽ مال ميڙي ان کي ڳڻيندڙ لاءِ وڏي خرابي آهي.**

وَيْلٌ لِّكُلِّ هُمَزَةٍ لُّمَزَةِ ۝١

(١) هر اهو شخص هلاڪ ۽ برباد ٿيو جو گلاخور ۽ ٽوڪ هڻندڙ آهي.

الَّذِيْ جَمَعَ مَالًا وَّعَدَّدَهٗ ۝٢

(٢) جنهن (جي زندگيءَ مقصد) مال کي ميڙي ۽ ان جي ڳڻ ڳڻائڻ رهيو آهي.

يَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗٓ اَخْلَدَهٗ ۝٣

(٣) خيال ڪري ٿو تہ سندس مال (مصيبتن کان بچائڻ لاءِ) ساڻس سدائين گڏ رهندو.

كَلَّا لَيُنۢبَذَنَّ فِي الْحُطَمَةِ ۝٤

(٤) ائين هرگز نہ ٿيندو (ائين سمجهڻ سندس ناداني آهي) ضرور ان کي پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري (هلاڪت) ۾ اڇلايو ويندو.

وَمَآ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُ ۝٥

(٥) ۽ توکي ڪهڙي خبر تہ پرزا پرزا ڪري ڇڏڻ واري ڇا آهي؟

نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُ ۝٦

(٦) اها الله جي (مڪافات واري) ڀڙڪايل باهہ آهي.

الَّتِيْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـِٕدَةِ ۝٧

(٧) جا (شعلن سان) دلين کي وڃي وٺي ٿي.

اِنَّهَا عَلَيْهِمْ مُّؤْصَدَةٌ ۝٨

(٨) بيشڪ اها مٿن دميل هوندي.

فِيْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ ۝٩

(٩) ڊگهن ٿنين ۾ (سوگهي ٿيل هوندي).

## سورة الفيل —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**هاٿيءَ وارن جي زور آوريءَ جي انجام.**

اَلَمْ تَرَ كَيْفَ فَعَلَ رَبُّكَ بِاَصْحٰبِ الْفِيْلِ ۝١

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو نہ ڏٺو تہ تنهنجي پالڻهار (طاقت جي گهمنڊ ۾ مبتلا) هاٿيءَ وارن سان ڪيئن ڪيو.

اَلَمْ يَجْعَلْ كَيْدَهُمْ فِيْ تَضْلِيْلٍ ۝٢

(٢) ڇا (ڪعبۃ الله کي ڊاهڻ متعلق) سندن شرارت کي ناڪام نہ ڪيائين.

وَّ اَرْسَلَ عَلَيْهِمْ طَيْرًا اَبَابِيْلَ ۝٣

(٣) ۽ مٿن ولرن جا ولر پکي موڪليائين.

تَرْمِيْهِمْ بِحِجَارَةٍ مِّنْ سِجِّيْلٍ ۝٤

(٤) جن انهن کي (پنهنجي پيرن ۽ چهنبن ۾ جهليل) ڪڪريءَ جون پٿريون هڻيون ٿي.

فَجَعَلَهُمْ كَعَصْفٍ مَّاْكُوْلٍ ۝٥

(٥) پوءِ انهن کي اولڙ گاهہ جهڙو (پائمال) ڪري ڇڏيائين. (پوءِ اي مڪي جا مشرڪو! هي سڀ ڪجهہ اوهان جي اکين جي سامهون ٿيو، سو اوهان حق سان ٽڪر کائڻ لاءِ طاقت جي ڪهڙي گهمنڊ ۾ آهيو).

## سورة القريش —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**پنهنجي مالڪ جي عبادت ڪريو، جنهن بک کان کاڌو ڏنو ۽ ڊپ کان بچايو.**

لِاِيْلٰفِ قُرَيْشٍ ۝١

(١) قريشن کي چاهہ ڏيڻ جي ڪري، (جو اهي ڪعبي جا متولي آهن.)

اٖلٰفِهِمْ رِحْلَةَ الشِّتَآءِ وَالصَّيْفِ ۝٢

(٢) (ان عزت ۽ احترام جو نتيجو آهي جو چوڌاري قبيلن ۽ ملڪن انهن کي) سياري ۽ اونهاري جي مسافريءَ سان انهن (جي قافلن) کي چاهت سان (حفاظت ۾) رکيو آهي.

فَلْيَعْبُدُوْا رَبَّ هٰذَا الْبَيْتِ ۝٣

(٣) (ليڪن قريشين ان ڪعبي جي امين بنجڻ واري ذميواريءَ ڪي وساري ڇڏيو آهي، سو ڪين جڳائي تہ) اهي هن گهر جي مالڪ جي عبادت ڪن.

الَّذِيْٓ اَطْعَمَهُمْ مِّنْ جُوْعٍ ۙ وَّاٰمَنَهُمْ مِّنْ خَوْفٍ ۝٤

(٤) جنهن انهن ڪي (ڪعبي جي ڪري تجارت ۾ سهولت ڏيئي) بک کان ڪاڏو ڏنو ۽ (قبيلن جي ڦرلٽ جي) ڊپ کان بچايو. (تہ جيئن مطمئن ٿي ڪعبي ڪي خدائي نظام جو مرڪز بنائن.)

## سورة الماعون—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**جيڪي ماڻهو انسانيت جا ڪم نہ ٿا ڪن ۽ ڏيکاءَ لاءِ نماز پڙهن ٿا تن لاءِ ويل آهي**

اَرَءَيْتَ الَّذِيْ يُكَذِّبُ بِالدِّيْنِ ۝١

(١) (اي پيغمبر!) ڇا تو ان ڪي ڏٺو جو (زبان سان تہ اطاعت جو اقرار ڪري ٿو، پر عملن جي) بدلي ملڻ واري ڏينهن ڪي ڪوڙو ڪري ٿو.

فَذٰلِكَ الَّذِيْ يَدُعُّ الْيَتِيْمَ ۝٢

(٢) پوءِ هي (اطاعت جو ڪوڙو دعويدار ۽ بدلي جي ڏينهن جو منڪر) اهو آهي، جيڪو يتيم (جون ضرورتون پوريون ڪرڻ بجاءِ ان) ڪي لوڏي ٿو.

وَلَا يَحُضُّ عَلٰى طَعَامِ الْمِسْكِيْنِ ۝٣

(٣) ۽ مسڪين ڪي (پاڻ بہ ڪاڏو نٿو ڪارائي ۽ ٻين ڪي بہ) ڪاڏي ڪارائڻ جي رغبت نہ ٿو ڏي.

فَوَيْلٌ لِّلْمُصَلِّيْنَ ۝٤

(٤) (انسانيت جي ڪمن ۾ ڪٽل اهو ماڻهو پاڻ ڪي ديندار ظاهر ڪرڻ لاءِ بنا اخلاص واري نمازن تي زور ٿو ڏئي) پوءِ ويل انهن نمازين لاءِ هجي.

الَّذِيْنَ هُمْ عَنْ صَلَاتِهِمْ سَاهُوْنَ ۝٥

(٥) جيڪي پنهنجيءَ نماز (جي روح ۽ مقصد) کان غافل آهن.

الَّذِيْنَ هُمْ يُرَآءُوْنَ ۝٦

(٦) جيڪي ڏيکاءُ ڪن ٿا. (نمازون هن لاءِ پڙهن ٿا تہ، ماڻهو انهن ڪي نيڪ نمازي چون).

وَيَمْنَعُوْنَ الْمَاعُوْنَ ۝٧

(٧) (ساڳي وقت هوڏانهن سندن حالت هيءَ آهي جو رزق جي عام ۽ معمولي) نہ روڪڻ جهڙين شين (ڪي بہ ٻين کان) روڪين ٿا.

## سورة الڪوثر—مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**تون پنهنجي پالڻهار لاءِ نماز پڙهہ ۽ قرباني ڪر.**

اِنَّآ اَعْطَيْنٰكَ الْكَوْثَرَ ۝١

(١) (اي پيغمبر!) بيشڪ اسان تو ڪي (قرآن جهڙي نعمت جي) تمام وڏي يلائي ڏني آهي.

فَصَلِّ لِرَبِّكَ وَانْحَرْ ۝٢

(٢) پوءِ تون پنهنجي پالڻهار جي (پالڻهاريءَ کي عام ڪرڻ جي فرض ادائگي) لاءِ نماز پڙهه ۽ قرباني ڪر!

اِنَّ شَانِئَكَ هُوَ الْاَبْتَرُ ۝٣

(٣) بيشڪ تنهنجو دشمن ئي بي نسل آهي. (جو ان جو نالو نشان مٽجي ويندو).

## سورة الكافرون —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ منهنجي لاءِ منهنجو دين آهي.**

قُلْ يٰٓاَيُّهَا الْكٰفِرُوْنَ ۝١

(١) (اي پيغمبر! انهن ڪافرن کي) چئو ته اي ڪافرؤ! (منهنجو ۽ توهان جو طريقو هڪ نٿو ٿي سگهي).

لَآ اَعْبُدُ مَا تَعْبُدُوْنَ ۝٢

(٢) (توهان جا ۽ منهنجا رستا، منزل ۽ مقصود الڳ الڳ آهن) آءٌ ان جي عبادت نٿو ڪريان جنهن جي (ذهن جي تراشيل سوين جيئرن ۽ مئلن معبودن جي) اوهين عبادت (۽ پيروڪاري) ڪريو ٿا.

وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٣

(٣) ۽ نڪي اوهين ان جي عبادت ڪريو ٿا، جنهن (اڪيلي خالق ڪائنات) جي آءٌ عبادت (۽ پيروڪاري) ڪريان ٿو.

وَلَآ اَنَا عَابِدٌ مَّا عَبَدْتُّمْ ۝٤

(٤) (معبودن متعلق اسان جو اهو اختلاف عارضي ناهي، بلڪ بنيادي ۽ اصولي آهي سو) نه آءٌ ان جي عبادت ڪندس، جنهن جي اوهان عبادت ڪئي.

وَلَآ اَنْتُمْ عٰبِدُوْنَ مَآ اَعْبُدُ ۝٥

(٥) ۽ نه اوهين ان جي عبادت (۽ پيروڪاري) ڪندؤ جنهن جي آءٌ عبادت (۽ ان جي قانونن جي پيروڪاري) ڪريان ٿو.

لَكُمْ دِيْنُكُمْ وَلِيَ دِيْنِ ۝٦

(٦) اوهان لاءِ اوهان جو دين ۽ مون لاءِ منهنجو دين آهي. (نتيجا پاڻهي ٻڌائيندا ته ڪاميابي ڪنهن جي حصي ۾ اچي ٿي).

## سورة النصر —مڪي

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**تون ماڻهن کي جٿن جا جٿا ٿي الله جي دين ۾ گهڙندو ڏسندين.**

اِذَا جَآءَ نَصْرُ اللّٰهِ وَالْفَتْحُ ۝١

(١) (اي پيغمبر! تون خالق ڪائنات جي اطاعت واري مشن کي جاري رک) پوءِ جڏهن الله جي مدد اچي ۽ (مڪي جي) فتح ٿئي.

وَرَاَيْتَ النَّاسَ يَدْخُلُوْنَ فِيْ دِيْنِ اللّٰهِ اَفْوَاجًا ۝٢

(٢) ۽ ماڻهن کي ٽولن پٺيان ٽولا ٿي ڪري الله جي دين ۾ گهڙندو ڏسين.

فَسَبِّحْ بِحَمْدِ رَبِّكَ وَاسْتَغْفِرْهُ ۚ إِنَّهُ كَانَ تَوَّابًا ۝٣

(٣) تڏهن تون پنهنجي پالڻهار جي تسبيح ۽ حمد ڪر (پوءِ دين جي غلبي لاءِ سرگرم ٿيءُ) ۽ (ڪنهن غير شعوري ڪمي بابت بہ) ان کان معافي گهر. بيشڪ اهو توبہ قبول ڪندڙ آهي.

**سورة اللهب—مڪي**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**پيغمبر جي سخت دشمنن جي حالت.**

تَبَّتْ يَدَا أَبِي لَهَبٍ وَتَبَّ ۝١

(١) ابولهب (قريشين جي معاشر تي ۽ اقتصادي خرابين جي وڏي ڪارندي) جا هٿ ڀڳا ۽ پاڻ برباد ٿيو.

مَا أَغْنَىٰ عَنْهُ مَالُهُ وَمَا كَسَبَ ۝٢

(٢) ان کي سندس مال ۽ سندس ڪمائي (جنهن جي ڏِي تي هو حق جي مخالفت ڪندو هو) ڪجھ بہ نہ ڪم نہ آيو.

سَيَصْلَىٰ نَارًا ذَاتَ لَهَبٍ ۝٣

(٣) سگهوئي هو ان پڙڪندڙ باهہ ۾ گهڙندو.

وَامْرَأَتُهُ حَمَّالَةَ الْحَطَبِ ۝٤

(٤) ۽ سندس زال بہ جا (ساڻس سازشن ۾ شريڪ هئي ۽) هاڻي جهنم جو ٻارڻ ڪاٺيون پنيءَ تي کنيو ڦري ٿي.

فِي جِيدِهَا حَبْلٌ مِّن مَّسَدٍ ۝٥

(٥) (تون ڏسندين تہ اها آڪڙيل) سندس ڳچي ڪابر جي رسي ۾ (ڪسيل) هوندي.

**سورة الاخلاص—مڪي**

بِسْمِ اللَّهِ الرَّحْمَٰنِ الرَّحِيمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**اهو الله اڪيلو آهي ۽ ان جي ذات بي پرواهہ آهي.**

قُلْ هُوَ اللَّهُ أَحَدٌ ۝١

(١) (اي پيغمبر! تنهنجي مجيندڙن لاءِ بنيادي نقطو الله تعاليٰ جي عظمت آهي، ڪين) چئون تہ الله پنهنجي ذات ۽ صفتن ۾ اڪيلو ئي آهي.

اللَّهُ الصَّمَدُ ۝٢

(٢) الله پاڻ بي پرواه آهي. (باقي سڀئي زندگي ۽ اوسر جي لاءِ سندس محتاج آهن.

لَمْ يَلِدْ وَلَمْ يُولَدْ ۝٣

(٣) نہ (ڪنهن کي) ڄڻيو اٿس ۽ نہ ان کي ڪنهن ڄڻيو آهي. (بلڪ سيني کي توليد جي بجاءِ تخليق جي عمل سان پيدا ڪيو اٿس).

وَلَمْ يَكُن لَّهُ كُفُوًا أَحَدٌ ۝٤

(٤) ۽ ان جو (همسر يا ان جو مثال يا ان جو) مَٽ آهي ئي ڪونہ.

## سورة الفلق – مڪي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**حسد ڪندڙن جي بڇڙائيءَ ڪان پناهه.**

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ الۡفَلَقِ ۙ۝۱

(۱) (اي پيغمبر!) چئو ته صبح جي (مالڪ ۽) پالڻهار جي پناهه ۾ اچان ٿو. (جيڪو سڀ مخلوق کي ان وقت پنهنجي پالڻهاريءَ جي ياڪر ۾ وٺي ٿو.

مِنۡ شَرِّ مَا خَلَقَ ۙ۝۲

(۲) انهن جي بڇڙائيءَ کان (ان جي پناهه ۾ اچان ٿو) جن کي پيدا ڪيو اٿس.

وَمِنۡ شَرِّ غَاسِقٍ اِذَا وَقَبَ ۙ۝۳

(۳) ۽ انڌيري رات جي بڇڙائيءَ کان جڏهن ڇانئجي وڃي ٿي. (جنهن ۾ حق جون مخالف قوتون ويهي سازشون تيار ڪن ٿيون.)

وَمِنۡ شَرِّ النَّفّٰثٰتِ فِى الۡعُقَدِ ۙ۝۴

(٤) ۽ ڳنڍين ۾ ڦوڪيندڙ (مخالف قوتن) جي بڇڙائيءَ کان (جيڪي عقيدن ۽ ارادن کي غلط بياني ۽ پروپيگنڊا جي نفيس حيلن ذريعي بدلائڻ گهرن ٿيون.

وَمِنۡ شَرِّ حَاسِدٍ اِذَا حَسَدَ ۝۵

(۵) ۽ حسد ڪندڙ جي بڇڙائيءَ کان جڏهن حسد ڪري ٿو.

## سورة الناس – مڪي

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

شروع الله جي نالي سان جو ڏاڍو مهربان ۽ رحم وارو آهي.

رڪوع 1

**وسوسي وجهندڙن جي بڇڙائيءَ کان پناهه.**

قُلۡ اَعُوۡذُ بِرَبِّ النَّاسِ ۙ۝۱

(۱) (اي پيغمبر!) چئو ته آءٌ انسانيت جي (اڪيلي) پالڻهار جي پناهه ۾ اچان ٿو. (توحيد في الربوبيت).

مَلِكِ النَّاسِ ۙ۝۲

(۲) ماڻهن جي اڪيلي حاڪم جي پناهه ۾ اچان ٿو (توحيد في انصفات).

اِلٰهِ النَّاسِ ۙ۝۳

(۳) ماڻهن جي اڪيلي معبود جي پناهه ۾ اچان ٿو. (توحيد في العبادت).

مِنۡ شَرِّ الۡوَسۡوَاسِ ۙ الۡخَنَّاسِ ۙ۝۴

(٤) (۽ دلين ۾) وسوسي وجهندڙ جي بڇڙائيءَ کان (جيڪو پردي پويان توحيد جي تنهي اطاعتن جي باري عقيدن کي ڪمزور ڪرڻ جي ڪوشش ڪندڙ) آهي.

الَّذِىۡ يُوَسۡوِسُ فِىۡ صُدُوۡرِ النَّاسِ ۙ۝۵

(۵) جيڪو (مختلف جماعتن ۽ نظرين جي آڙ ۾ تنهي اطاعتن خلاف) ماڻهن جي دلين ۾ وسوسا وجهي ٿو.

مِنَ الۡجِنَّةِ وَالنَّاسِ ۝۶

(٦) جنن (لڪل قوتن ۽ طريقن) مان هجي يا ماڻهن (جي جوڙيل گمراهه طريقن) مان هجي. (الله! تنهنجي اطاعت واري رستي تي هلڻ لاءِ ماڻهن ۽ گروهن جي سيني چالبازين ۽ رڪاوٽن کان پناهه).

# دعا ختم القرآن

اَللّٰهُمَّ اٰنِسْ وَحْشَتِىْ فِىْ قَبْرِىْ۔ اَللّٰهُمَّ ارْحَمْنِىْ بِالْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ وَاجْعَلْهُ لِىْٓ اِمَامًا وَّ نُوْرًا وَّ هُدًى وَّ رَحْمَةً۔ اَللّٰهُمَّ ذَكِّرْنِىْ مِنْهُ مَا نَسِيْتُ وَعَلِّمْنِىْ مِنْهُ مَا جَهِلْتُ وَارْزُقْنِىْ تِلَاوَتَهٗٓ اٰنَآءَ الَّيْلِ وَ اٰنَآءَ النَّهَارِ وَاجْعَلْهُ لِىْ حُجَّةً يَّا رَبَّ الْعٰلَمِيْنَ۔ اٰمِيْنَ۔

اي الله! ورونهه ڏي منهنجي اڪيلائپ ڪي قبر ۾، اي الله! رحم ڪرمون تي قرآن عظيم سان ۽ ڪر ان ڪي منهنجي لاءِ هن دنيا ۾ رهبر ۽ نور ۽ هدايت ۽ رحمت، اي الله! ياد ڏيار مون ڪي ان مان جيڪي وساريم ۽ سيکار مونکي ان مان جيڪي نه ڄاتم ۽ نصيب ڪر مونکي تلاوت ان جي رات جي وقتن ۽ ڏينهن جي وقتن ۾ ۽ ڪر انهيءَ ڪي منهنجي لاءِ حق جي واٽ جو دليل، اي پروردگار جهانن جا!